# اسان جي عشق جون ڳالهيون

(شاعري)

غلام عباس پنيرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جي عشق جون ڳالهيون

ڪتابن ۾ لڪيون ويندیون
اسان جي عشق جون ڳالهيون

# اسان جي عشق جون ڳالهيون

(شاعري)

غلام عباس پنيرو

پوپٽ پبلشنگ هائوس
سنڌ پالڪ سنگت، خيرپور ميرس
2009

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## POPAT BOOK NO. 12


**اسان جي عشق جون ڳالهيون**

(شاعري)

شاعر: غلام عباس ڀنڀرو

ڇاپو پهريون: ٢٠٠٩

تعداد: هڪ هزار

ڪمپوزنگ: فهيم احمد منگي

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس

سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس،

مال روڊ خيرپور ميرس

**قيمت: هڪ سؤ روپيه**

**ASA'N JE ISHQ JOO'N GALHYU'N**

(Poetry)

Poet: Ghulam Abbas Bhanbhro

First Edition: 2009

Quantity: 1000 copies

Composing: Faheem Ahmed Mangi

Published by: Popat Publishing House

Sindh Balak Sangat, Khairpur Mir's

Printed by: Popat Printng Press

Mall Road Khairpur Mir's

Phone: 0243-552913

**Price Rs. 100/-**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنئاءُ


- پبلشر نوٽ: قربان منگي 06
- ٿورا نہ ٿورا : غلام عباس پنيرو 07
- مهاڳ : ڊاڪٽر نواز علي شوق 08
- عباس، جنهن وٽ زندگي فن آهي
  ۽ فن زندگي آهي : برڪت بلوچ 16
- غلام عباس پنيري جي شخصيت ۽ شاعري : حزب الله آءِ سومرو 21
- هن صديءَ جو منفرد شاعر : امجد دراني 35
- تصوف جو پارکو، غلام عباس پنيرو : علي جاگيراڻي 37
- **وايون ۽ ڪافيون** 41
- **غزل** 143
- **نظم** 181


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

پوپٽ پبلشنگ هائوس پنهنجي پڙهندڙن لاءِ معياري ڪتاب ڇپرائڻ جي وچن کي پاڙيندي مسلسل سُٺا ۽ سهڻا ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي. هلندڙ سال 2009ع انهيءَ حوالي سان اسان لاءِ ڏاڍو متحرڪ سال ثابت ٿيو آهي، جو هن سال اسان جي اداري ڪوڙ سارا ڪتاب شايع ڪيا آهن.

غلام عباس پنيرو هونئن ته صحافت جو ناميارو نالو آهي پر هُو بنيادي طرح شاعر پڻ آهي. سندس تمام گهڻي شاعري اڻ ڇپيل حالت ۾ پئي هئي جنهن کي ڪتابي صورت ڏيئي "اسان جي عشق جون ڳالهيون" جي عنوان سان اوهان جي مطالعي جي ميز تائين پهچائي رهيا آهيون. اميد ته اوهان کي اسان جي هيءَ محنت پسند ايندي ۽ اميد اها به ته اوهان جو ۽ اسان جو ساٿ ائين ئي جاري رهندو.

**قربان منگي**

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس

سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور ميرس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٿورا نہ ٿورا

مان ٿورائتو آھيان سنڌ جي ڏاھي ۽ پنھنجي سوٽ محترم سائين عطا محمد پنيري صاحب جو جنھن منھنجي شاعريءَ کي وڏي غور سان پڙھيو ۽ رھنمائي ڪئي. مان شڪر گذار آھيان محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق، علامہ حزب الله - آءِ - سومري، پروفيسر برڪت بلوچ، امجد دراني ۽ علي جاگيراڻيءَ جو، جن منھنجي شاعري تي ٻہ اکر لکيا.

مان ٿورائتو آھيان عبدالحفيظ پيٽي نل واري جو جنھن منھنجي ٽڙيل پکڙيل شاعري کي اُتاري گڏ ڪيو.

مان وڏيڪ ٿورائتو آھيان محترم قربان منگيءَ جو جنھن منھنجي شاعري جو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو.

**غلام عباس پنيرو**
ميرواھ ڪينال وِيو
خيرپور ميرس.
0243-551985
0300-3116062



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مهاڳ

غلام عباس ينيري جي شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي خوبيون نظر اچن ٿيون. جن مان ڪي خاص هي آهن.

١. سندس سموري شاعريءَ ۾ مقامي ماحول نظر اچي ٿو.

٢. هن پنهنجي واين ۾ نوان تجربا ڪيا آهن.

٣. سندس شاعريءَ جو مک موضوع عشق آهي. ان اهم موضوع سندس شاعريءَ کي خوبصورت بڻايو آهي.

۴. سندس شاعريءَ جو ڪجهہ حصو مزاحمتي شاعريءَ سان تعلق رکي ٿو.

۵. سندس ڪلام ۾ سلاست ۽ رواني آهي.

٦. سندس ڪلام ۾ موسيقيت آهي، تنهن ڪري اهو آسانيءَ سان ڳائي سگهجي ٿو.

هن جي شاعريءَ ۾ وايون ۽ غزل شامل آهن. مونکي سندس غزلن کان وايون وڌيڪ پسند آهن، تنهن ڪري ان حصي بابت پنهنجي راءِ جو تمام مختصر نموني اظهار ڪيو اٿم. هُو عشق وارن جو احوال هن ريت ٻڌائي ٿو:

جنت دوزخ جو ڪو يار،
عشق وارن کي فڪر نہ آ
حورن ۽ غلمانن جو،
حاڪم جي فرمانن جو
ڳڻتي ڳاراٽي ڪنهن ڳار
عشق وارن کي فڪر نہ آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يار ”عباسڻ“ ڪوڙ نہ ڪچ
عاشق آهن سارو سچ
نينهن وارا هن سڀ نروار
عشق وارن کي فڪر نہ آ

هو عشق جو درياه آهي، تنهن ڪري چوي ٿو:

اسان جو ڪچ نہ تون پاڻي
اسان هون عشق جا درياءَ
اسان موکي، اسان ساقي
اسان جو عشق آفاقي
نہ رهندا فاصلا هاڻي
اسان هون عشق جا درياءَ

هڪ ٻي وائي ۾ فرمائي ٿو:

اسان جو عشق لافاني
اسان وٽ حُب هيڪاندي
اسان جا عرش تي ديرا.

عشق جي منزل ۽ عشق جي ڳالهہ اڳي آهي اهوئي

سبب آهي جو يار عباسڻ چوي ٿو:

عاشق ڪونہ مڃيندا هار
عشق جي ڳالهہ اڳي اڳي
ڪُن فَيڪُون کان اڳ هياسون
عشق ڳجهو آ ڪو اسرار
عشق جي ڳالهہ اڳي اڳي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق سان مون هن لائون لڏيون
سـر جو سـانـگـو لاهـي يـار
عـشـق جي ڳالـهـه اڳي اڳي.

عاشقن جي اها سڃاڻ آهي تہ انهن جي دل جي تار الله پاڪ سان ملیل هوندي آهي. يار عباسڻ چوي ٿو:

دل جي تـار مـلائـن تـا
عـاشـق روز الله سـان
سمنڊ جيڏي سڪ عباسڻ
وايـن ۾ ورجائـن تـا.

عشق جو پنڌ سولو نہ آهي، اهو ڏاڍو ڏکيو پنڌ آهي ان سفر ۾ سر جو سانگو لاهڻو پوي ٿو، چوي ٿو:

سـر جو سـانـگـو لاهـي هـل
عـشـق جو پـنـڌ اڻانـگـو آ
بـاهـيـون پـاري ٻرهـہ انـدر
سـوريـنـدو هـل پـارڻ پـل

عشق جي هڪ هيءَ بہ تصوير ڏسو:

عشق جون راڙيون راڳي رڙڪا
ٻيلي ۾ جڻ باهيون پڙڪا
عـشـق چڏيـا هـن پـارڻ پـاري
عـشـق جا رسـتـا رنـد اڻانـگـا
پـانـديـئـڙن جا پـنـڌ اڻانـگـا
ڏونـگـر صـحـرا سـب اُکـاري
چڙهـيـا آهـيـون چوٽ نـظـاري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڪن واين ۾ تصوف جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو يار عباسڻ پنهنجي هڪ وائي ۾ چوي ٿو:

پنهنجو پاڻ وڃائي،
رب لڌو منون ڳولي
جوڳي ٿي گرناري
در در بين وڃائي
رب لڌو منون ڳولي.

هُو ملان ۽ قاضي کي سهڻي صلاح ڏئي ٿو ته ”فقيرن سان نه ڦتايو“ ڇو ته فقيرن جي منزل مٿاهين آهي، فقير الله جا پيارا ٻانها آهن.

فقيرن سان ڦتائڻ ڇڏ
فقيرن جي مٿي منزل
فقيرن سان خدا راضي،
نه جهيڙو ڪر ملان قاضي
نه فتوي ڏي نه ڦاهي اڏ
فقيري فيض آ قدرت
فقيرءَ نياز ۽ نوڙت
فقيرن سان اچي دل گڏ
فقيرءَ عشق جا نعرا
ٿيا هيءَ زجاءِ سوپارا
سيئي سنا تي ”عباسڻ“ سڌ.

محبوب جي سونهن جو چرچو هر هنڌ آهي. اها ڳالهه عباسڻ تمام سهڻي نموني پيش ڪئي آهي. هُو چوي ٿو:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏس چوڏس چارن ۾
سورج چنڊ ستارن ۾
تنهنجي سونهن جو چرچو آ.
دريائن ۽ ٻيٽن ۾
چانڊوڪين ۽ چيٽن ۾
بلبل باغ بهارن ۾
تنهنجي سونهن جو چرچو آ
يار ”عباسڻ“ پارن ۾
ديدن ۾ ديدارن ۾
ڪوهن ڪونج قطارن ۾
تنهنجي سونهن جو چرچو آ.

محبوب جي ياد وارو مضمون ڪهڙي نہ سهڻي انداز پر آندو اٿس:

دل تان ڪونہ لهين تو يار
تسبيح وانگر توکي پڙهان ٿو
تنهنجي اچڻ سان عيدون ايندي‌ون
ايندو مون وٽ چڻ تہ بهار.

محترم غلام عباس پنيري جي شاعريءَ ۾ ٿر جو ذڪر گهڻن هنڌن تي نظر اچي ٿو. ٿر جا منظر هن سهڻي نموني پيش ڪيا آهن. ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

ٿر ٿر ٿڏڙا مينهڙا،
جڏهين وسندا يار،
تڏهين ملنداسون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روهيڙي جا گل رتا
ٽيندا مينگهه ملهار
تڏهين ملنداسون
ڪائر پائر جُوءِ ۾
ڪنوڻين جا ڪجڪار
تڏهين ملنداسون
ملندو مارن آچپو
ڪڙندا ڪٽٽهار
تڏهين ملنداسون.

بي هڪ وائي ۾ چوي ٿو:

تر ۾ ٿاذل ٿي وو يار
منهنجا پرين ٿون موٽي آ
ڪِنوڻين ڪِجڪا پورب جا
اوڪون موڪون لاٿون لار
منهنجا پرين ٿون موٽي آ.

محبوب جي ياد، اوسيئڙي ۽ انتظار وارا مضمون هر شاعر جي شاعريءَ ۾ نظر ايندا. پر اسان جي يار عباسڻ جو پنهنجو هڪ انداز آهي: ان ۾ سلامت رواني ۽ بي ساختگي آهي: چوي ٿو:

توڪي ياد ڪري وو يار
اڪڙيون پرجي آيون
نيڻن ننڊ ڦٽي وئي آهي
نير وهن ٿا چڻ نينسار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو بِن جيءَ جهـري پـنيـو آ.
آهـي غـبـاسڻ کـو نـہ قـرار
اکـــڙيــــون پـــرجي آيــــون.

يار عباسڻ جي ڪلام ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ عام جام نظر ايندا. مثال طور هڪ وائي جا ڪجهہ شعر پيش ڪجن ٿا. ان ۾ ٺيٺ سنڌي قافيا آندا ويا آهن. پر ان سان گڏ رواني بہ ڏاڍي اثرائتي آهي.

تنهنجي آهي ٽُوڻ، سُور اسا وٽ سگهرا آيا
پـنـهـنـجا پُور پـنـارڪـون،
ڳِٺيـــــــــــن جي آ ڳُوڻ،
ســــور اســـان وٽ ســگـهــرا آيــا
اوڪـــا پـــنــڌ عـــشـــق جا،
چڙ ڪــــا ڏرتــــــي ڏُوڻ
سُور اســـان وٽ ســـگـــهـــرا آيـــا.

غلام عباس ينيرو هڪ قوم پرست شاعر آهي سنڌ سان ڪيس بي پناهہ محبت آهي. سنڌجا ڏک سُور ڪيس ستائن ٿا تہ بي اختيار جوي ٿو:

ســنــڌڙي تــنــهــنــجا سُور
ڪِـهــڙا ڪــهــڙا مــان لــکــان
پيٽ سنڌوءَ مان ريت اڏامي
نـــاهـــــــــ وڻــــــــن ۾ ٻُورا!
ڏرتــي تــي هــن ڏاڙيــلــن جا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏا قهر ڪلُورا!

هڪ وائي ۾ سنڌڙي سان پنهنجي عشق جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

سنڌڙي تنهنجا گيت
ڳائيندو مان جنت ويندس
وڻ ٽڻ تنهنجا ٻنيون ٻارا
منهنجا آهن ميت
نيٺ ته ٿيندي سوڀ عباسڻ
جاڙي ڪاڙي جيت

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عباس: جنهن وٽ زندگي فن آهي ۽ فن زندگي آهي

شاعري هجي يا ادب جي ڪابه ٻي صنف، اها بنيادي طور تي فنونِ لطيفہ (وٽنڊز فن) ڪلارسْ هوندي آهي. هر ماڻهو ۾ سونهن سان پيار، جو جذبو رکيو ويو آهي ڪي ماڻهو صرف سونهن کي پسند ڪندا آهن، ٻيا ماڻهو نہ رڳو سونهن کي پسند ڪندا آهن پر اُن سان گڏ پسند ڪيل سونهن جي منظر کي لفظن جو ويس پهرائڻ جي بہ فطري سگهہ رکندا آهن. پوئين قسم جا ماڻهو فنڪار، شاعر ڪهاڻيڪار وغيره هوندا آهن.

انسان ڏاڍو ڀاڳ وارو آهي جو کيس جانور کان مختلف رکيو ويو آهي (ڪجهہ جبلتون جانور ۽ ماڻهو ۾ ساڳيون بہ آهن) اهم خصوصيتون جيڪي آدمي کي جانور کان ممتاز بنائن ٿيون، اُهي آهن: عقل ۾ تخليق جي جبلت. خاص جذبو عشق جڏهن عقل ۽ تخليق سان ملي ٿو تڏهن شاعري جنم وٺي ٿي.

شاعريءَ جي حوالي سان اسان جو شاعر غلام عباس ڀنڀرو ڪنهن تعارف جو محتاج ڪونهي. هو ٧٠ جي ڏهاڪي کان لڳاتار زندگي کي پوڄي پيو ۽ ماڻي پيو. غمن ۽ خوشين جي موسمن جيڪي اثر مٿس ڇڏيا آهن، انهن کي لڳاتار لفظن کان برش جو ڪم وٺي پني جي ڪئنواس تي چٽيندو رهيو آهي.

عباس عشق جو ماڻهو آهي. هن وٽ فرضي يا رسمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ڪونهي. هُو جڏهن پرين سان پيار ڪري ٿو تہ رومانوي آهي جڏهن ڌرتي وارن ۽ سندن مسئلن سان پيار ڪري ٿو تہ انقلابي آهي. سندس تخليق جو محرڪ سُور بہ آهن.

عظيم نقاد ٽي.ايس ايليٽ جو قول آهي تہ ”عظيم شاعري پيڙائن ۽ سورن جي دور ۾ پيدا ٿي آهي.“ اسان جي سنڌي سماج ۾ بہ بندشون عام آهن: ڪنهن عورت، محبوبہ سان برملا پيار جي اظهار تي بندش، ٻيو حڪومت ۽ سياست تي تنقيد تي بندش. اسان جي شاعرن هر دور ۾ ٻنهي بندشن کي ڪڏهن سڌي اظهار ذريعي، ڪنهن اڻسڌي اظهار ذريعي پئي ٽوڙيو آهي. عشق تي بندش جي حوالي سان شاعر شڪايتي لهجي ۾ چئي ٿو:

عشق جي اظهار تي بندش نہ هڻ
سونهن جي سنسار تي بندش نہ هڻ
ڏي چڏي هو واس ٿورو پل ڏسن
پوپٽن جي پيار تي بندش نہ هڻ.

سونهن ۽ سچ بہ آفاقي قدر آهن انهن جو سڌريل سماج ۾ هئڻ ضروري آهي. ”پوپٽ“، شاعر، فنڪار، انقلابي ۽ عاشق جي علامت آهي جيڪو هر دور ۾ سونهن، سرهاڻ ۽ سچ جو چاهيندڙ ۽ ڳولائو هوندو آهي. شاعر هن شعر ذريعي پوپٽ جي علامت کي نهايت موثر انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

عباس وٽ باقاعده علامتي شعور جي پختگي آهي. شاهہ ڪريم جي هي مصرع علامت سازي لاءِ اهم ڳر ٿي سگهي ٿي: ”مٺ پکوڙيائي پلي، اُپٽي تہ واءُ، جي ڪلي وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهڙي تہ چڏي وڃي ساءُ.“

يعني: مُٺ يڪوڙيل يا بند چڱي آهي. جيڪڏهن کُلي وئي تہ ان مان واءُ نڪري ويندو. کليل ڳالھ ۾ ساءُ يا مزو نہ هوندو آهي حقيقت ۾ شاعري جي اظهار وقت جيڪڏهن بند ڳالھ کي آهستہ آهستہ disclose ڪبو تہ اهو اظهار وڻندڙ لڳندو.

فن اڪثر ڪري نفيءَ جي نفي جي اصول تي تخليق ٿيندو آهي. عشق جو اظهار هجي، يا جمهوري قدرن جو اظهار ٻئي مثبت عمل آهن. ٻنهي جي نفي نقصانڪار ٿيندي آهي عشق جي نفي نفرت ۽ جمهوريت جي نفي آمريت آهي.

شاعر انقلابيءَ کي ٻن نفين، عشق جي نفي ۽ جمهوريت جي نفي کان انڪار ڪرڻو آهي، اهو عمل آهي فني ۽ سياسي نفيءَ جي نفي جو.

فني نفيءَ جي نفي ذريعي شاعر غير فطري خدشن کي تسليم نہ ٿو ڪري پر بندشن سان ٽڪراءُ ذريعي پنهنجو فن تخليق ڪري ٿو. عباس جي شاعري جو اهم محرڪ حادثا، واقعا بہ آهن.

شاعر حادثاتي طور تي پيدا نہ ٿيندا آهن نہ وري ڪنهن نقاد جي مهرباني سان شاعر تي پوندا آهن. در اصل شاعر (Bybirth) ڄمندي ئي شاعرانہ مزاج يا طبعيت سان پيدا ٿيندا آهن. اڳتي هلي عشق يا انقلاب جي ڇڙنگ کان متاثر ٿيندا آهن. ڪنهن واقعي يا حادثي سان واسطي پوڻ سان پيڙ ٻري پوندو آهي. اها آهي هر تخليقڪار جي تخليق جي ڪهاڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عباس جي تازو ٿيل شاعري جو محرڪ محترمہ بي نظير ڀٽو صاحبہ جي شهادت وارو دل ڏاريندڙ واقعو بہ آهي.

شام جي پوئين پهر
خون ٿيو ڪيڏو قهر
هٿ وري پورو ٿيو
دور ٻئي جو ڪو سفر

اڳتي چوي ٿو:

قوم جي ويساهہ کي گولي لڳي
روڊ رستي راهہ کي گولي لڳي

عظيم فرد چاهي اهي ادبي حيثيت جا هجن يا سياسي حيثيت جا انهن جو قتل انفرادي نقصان نہ پر اجتماعي نقصان هوندو آهي. محترمہ بينظير جي قتل ۾ اجتماعي ڏک سمايل جنهن کي عباس ڀنيري پنهنجي احساسن جو ويس ڍڪرايو آهي.

سياسي شخصيتن جو موت هجي، يا ادبي شخصيتن جو موت پنهي نوعيتن جا موت قومي نقصان، سانحا هوندا آهن. ادب هجي يا سياست ٻئي تصور، عنوان ڪلچر جا موضوع آهن. ٻئي سماج جا ٿنڀا يا پلر آهن. ادب ذريعي سياست ۽ سياست ذريعي ادب جو فروغ ٿيندو آهي.

عباس جي ادبي شعور ۾ سياسي شعور بہ شامل آهي. عباس محترمہ جي شهادت کان علاوه هر ادبي، سياسي، سماجي ڏاهي جي موت تي ڳوڙها ڳاڙيندي نظر اچي ٿو.

پکي جي اُڏاڻا تہ باقي ڇا رهندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئا سڀ اجهاڻا تہ باقي ڇا رهندو

پکين جو اڏامڻ ۽ ڏيئن جو اجهامڻ روز ڏاهن، پيارن، مئڙن ماڻهن جي وڇوڙي،موت ڏانهن اشارو ڪندڙ علامتون آهن. قومن لاءِ سوچ ۽ ڏاهپ جو ڏڪار خراب سوڻ هوندو آهي. عباس پنيري جو ايمان آهي تہ ڏاها، شاعر، سياستدان، طبعي موت مرندا تہ آهن پر تاريخي لحاظ کان زنده رهندا آهن.

ٻارڻ جي ٻاري ويا هليا

جي موت ماري ويا هليا

نفيءَ جي نفي جي فطري قانون مطابق جيڪي شخص موت کي شڪست ڏئي ٿا وڃن اهي سدائين زنده هوندا آهن. "ٻارڻ" يعني آڳ زندگي جي علامت آهي، روشني ۽ انقلاب جي علامت آهي تخليق جي علامت آهي. جيستائين ڪائنات ۾ تخليق جو عمل جاري آهي تيستائين زندگي ئي زندگي آهي. موت ڪٿي بہ ڪونهي.

مختصر لفظن ۾ عباس وٽ زندگي فن آهي ۽ فن زندگي آهي.

**برکت بلوچ**

خيرپور ميرس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غلام عباس پنيري جي شخصيت ۽ شاعري

غلام عباس پنيرو جيئن جسماني طرح قدآور آهي ائين ئي شخصيت ۽ شاعريءَ جي حوالي کان بہ قدآور ثابت ٿيو آهي. سندس شخصيت ۾ سنجيدگي، انقلابيت، غريب ۽ علم ادب پروري، مهمانوازي ۽ اهي سڀ وصفون موجود آهن جيڪي ڪنهن شخصيت کي عظيم بڻائينديون آهن مون کي سندن ۾ هي ڳالهيون نظر آيون ۽ سندن هي ڪارناما آهن.

**١. انقلابيت:** غلام عباس پنيرو نعري بازيءَ بجاءِ سنڌ ۾ حقيقي انقلاب چاهي ٿو هو سياست، صحافت، فن، ادب، مذهب، تصوف ۽ اين جي اوز ۾ بہ اهي انقلابي رجحان چاهي ٿو جنهن سان سنڌ ۾ بهتري اچي، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهو ترقي ڪري.

**٢. تصوف سان وابستگي:** غلام عباس پنيرو موجود دور ۾ اهو پهريون ماڻهو آهي جنهن صوفياڻن ڪلامن ۾ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪئي آهي ۽ صوفياڻا ڪلام ڳائيندڙن کي اهڙا ڪلام ڏنا جن ۾ سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن ۽ حقن جي ڳالهہ آهي.

**٣. فن جي خدمت:** غلام عباس پنيرو صوفياڻن ۽ انقلابي ڪلامن ڳائيندڙن جي طاقت آهر سهائتا ڪندو رهيو آهي ۽ اهڙا نوان فنڪار بہ سندن همت افزائي ۽ رهنمائي ۾ بہ اڀري آيا آهن ان لاءِ هو سنڌ صوفي فورم جي پليٽ فارم تان درگاهن ۽ ٻين جاين تي صوفياڻن ڪلامن جون محفلون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رچائيندو رهيو آهي.

**۴. صحافتي سرپرستي:** غلام عباس پنيري سنڌ جي صحافت ۾ نوان لاڙا ڏنا. هن خيرپور ضلعي ۽ آسپاس جي صحافين جي فني تربيت ۽ سرپرستي ڪئي آهي. خيرپور جا تقريبن سڀ صحافي سندس جا سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح شاگرد رهيا آهن ۽ سندس فيض مان حصو وٺي چڪا آهن ان ڪري ڪيس "صحافت جي يونيورسٽي" چيو ويندو آهي.

**۵. ادبي سرپرستي:** غلام عباس پنيري سنڌي ادبي سنگت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ وڏو ڪم ڪيو جڏهن مارشلائي دور هو ۽ ۱۹۷۰ع کان ۱۹۸۳ع تائين سنگت جون چونڊون نه ٿيون هيون جڻ ته سنڌي ادبي سنگت مري چڪي هئي. اهڙي دور ۾ غلام عباس پنيري، انور پيرزادي ۽ خادم سنڌيءَ جي ڪوشش سان سنڌي ادبي سنگت جون چونڊون ٿيون جنهن ۾ تاج جويو پئنل ڪامياب ٿي ويو، غلام عباس پنيرو سنڌي ادبي سنگت سان گڏ سنڌ بالڪ سنگت، سنگت دوست فورم، علم دوست ادبي سنگت سنڌ ۽ ٻين ادبي سماجي ۽ صحافتي تنظيمن جي به سرپرستي ڪندو رهيو آهي. سندس سرپرستي هيٺ ڪيترا ڪتابي سلسلا (رسالا) نڪرندا رهيا آهن جن ۾ نئون سج پبليڪيشن، آزاد پبليڪيشن، حق موجود پبليڪيشن، ناز پبليڪيشن، نئون سج پبليڪيشن، ويساهه پبليڪيشن اروڙ پبليڪيشن، شعور پبليڪيشن، هاڪ پبليڪيشن، سڌ پبليڪيشن،فتح پبليڪيشن، موهه پبليڪيشن وغيره شامل آهن جن عوامي سطح تي ادبي رجحان پيدا ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

**٦. سماجي خدمتون:** غلام عباس پنيرو سماجي بهتري آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. جنهن ڪري ڪيس خيرپور ۾ ڊسٽرڪٽ پبلڪ سيفٽي ڪميشن جو چيئرمن بڻايو ويو جتي غلام عباس پنيري پارٽي امتياز کان بالاتر ٿي ماڻهن جي داد رسي ڪئي ۽ هزارين ماڻهن کي پوليس جي زيادتين کان نجات ڏياري اهوئي سبب آهي ته سڀن پارٽين وارا ماڻهو ڪائنس راضي رهيا.

**٧. علم پروري ۽ مهمانوازي:** غلام عباس پنيري بابت اها شاهدي هرڪو ڏيندو ته هو غريب شاگردن جو مددگار رهيو آهي پر سندس اوطاق تي ٻين مهمانن کان سواءِ غريب ۽ پري جا شاگرد پڙهائيءَ دوران يا امتحانن دوران رهندا آهن.

**٨. شاعري:** غلام عباس پنيرو هڪ سٺو شاعر به آهي. پنيرو صاحب شاعريءَ ۾ خالي لفظ ۽ خيال نٿو جڙي پر هو وزن بحر جو به خاص خيال رکندو آهي جنهن کان ڪيترا شاعر پڇندا آهن پنيرو صاحب وزن بحر سان گڏ موسيقيءَ جي ردم تي به شاعري ڪئي پرکيندو آهي. سندس شاعري ۾ سچ سان پيار، ظلم کان نفرت ۽ غلط حالتن کي تبديل ڪرڻ جو درد آهي.

(الف) انقلابي شاعري: غلام عباس پنيري جي شاعري کي پڙهي ڏسجي ٿو ته هو انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر آهي. غلام عباس پنيرو هڪ نقاد شاعر آهي هو سست ماڻهن تي هن طرح تنقيد ڪري ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڳو جنهن جو من
کهڙو لاڳ لهي
سُوا مينهن چڏي
وينو ڏاند ڏُهي.

ضمير تي سودو ڪري ٽڏي ڇانوَ ۾ ويهندڙن تي غلام عباس ڀنيرو هن طرح تنقيد ڪري ٿو

ڇائي ڇائي ڇانوَ
ساري ڌرتي ڌوڙ
سڪي پاڪي بي ضمير
پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙ.

انقلابيت ۽ تنقيد سبب سندس شاعري مزاحمتي ٿي پئي آهي، اهوئي سبب آهي جو ڪيس مزاحمتي شاعر چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

(ب) شاعري ۾ اعليٰ پيغام:- اڄ ڪلهه سنڌي شاعرن جي اڪثريت چنري ۽ ڇاتيءَ جي ڇلڪن تي شاعري لکي رهي آهي جنهن ڪري سندن شاعري چنري ۽ ڇاتيءَ کان اڳتي وڌي ئي نٿي. اهوئي سبب آهي جو ان ۾ ڪا پرواز نه آهي ۽ ڀتائيءَ وارو اهو وکر نه آهي جيڪو پڙهي پراڻو نٿو ٿئي. غلام عباس ڀنيري نه فقط سماجي، انقلابي شاعريءَ ۾ اعليٰ پيغام ڏنو آهي پر عشق ۽ رومانس واريءَ شاعري ۾ به قدرن کي نه لتاڙيو آهي، ڇڙواڳيءَ ۽ فحاشي اختيار نه ڪئي اٿس پر اهڙي شاعريءَ ۾ به مهذب ٻولي (اشارن ۽ ڪناين واري) استعمال ڪئي اٿس جنهن ڪري سندس شاعري بلند پروازي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي ٿي ۽ اهو وکر ٿي پئي آهي جيڪا پئي پراڻي نٿي ٿئي.

(ج) پٺائيءَ جي ٻوليءَ جي حفاظت: شاعر ٻوليءَ جا محافظ هوندا آهن هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جا اهي لفظ جيڪي استعمال کان وسرندا رهن ٿا تن کي اهڙيءَ طرح استعمال ڪن ٿا جو اهي معنيٰ سميت محفوظ ۽ لائق استعمال ٿي پون ٿا. ائين سمجهو ته شاعر ٻولي جي وسرجندڙ ۽ ختم ٿيندڙ لفظن جي عمر وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا پر اهڙا شاعر گهٽا نه هوندا آهن موجوده دور ۾ اهڙن شاعرن ۾ هڪ اهم نالو غلام عباسَ ينيري جو به آهي غلام عباس ينيري جي شاعري ۾ ڀهراڙيءَ جا لفظ ۽ تشبيهون اهڙي نه انداز ۾ بيان ٿيل آهن جو ماڻهو اهو چوڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو ته شاهه پٺائي جي ٻوليءَ جو هن وقت محافظ غلام عباس ينيرو آهي. سندس شاعريءَ ۾ اڪثر طرح اهي ڀهراڙيءَ جا لفظ ۽ تشبيهون اهڙيَ طرح ڪتب آيل آهنَ جو لفظن جي معنيٰ به واضح ٿي بيهي ٿي. اهڙن لفظن ۽ تشبيهن ۽ اصطلاحن مان ڪجهه هتي ڏجي ٿو.

- ڪڙيا (ننڍا واٽر ڪورس) ۽ ترايون (هيٺايون) لفظ ينيري صاحب جي شاعري ۾ هن طرح آهن:

واهه ڪڙيا ۽ تل ترايون
تر تُوهر ۽ ماڳ مڪان.

- ووڙڻ (مڪمل ڪرڻ، جاڪوڙڻ) لفظ غلام عباس ينيري جي شاعري.جي زينت هن طرح ٿيو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي جبل وٽ سان
ڏينديس پيري آڙ

• سمڻ (وهڻ) چڪڻ (اڪلي پوڻ) جا لفظ پنيري صاحب شاعريءَ ۾ هن ڪم آندا آهن:

چتا ڦٽ سِمي پيا
چڪيا منهنجا چاڪ الا

• داٻو (دٻائڻ، ڏمڪيون ڏيڻ) ڪي پنيري صاحب هن طرح محفوظ ڪيو.

شاعر سڀ فنڪار ڪٺو
داٻي سان دلدار اچو.

• پيڪيدار (هيسائيندڙ) غلام عباس پنيري جي شاعريءَ ۾ هن طرح سک تي ويو آهي:

ڏاج ڦريو پل نياڻين جا
ٻڌجي پيڪيدار اچو.

• ڦولار ( سرهاڻ) جو لفظ سندس شاعريءَ ۾ هن طرح آهي:

تاڏل ۽ تذڪار لئي
سرنهن جي ڦولار لئي.

• موج (مستي) جو لفظ استعمال تيل پڙهو:

پنهنجي هوڏ هستيءَ لئي
پنهنجي موج مستيءَ لئي

• وڻجارو (وڻ چڏيندڙ ـ مسافر) لفظ پنيري صاحب معنائتي انداز ۾ استعمال ڪيو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻجارو تي يار هليو وئين
ڪاڏي وئين تون ڪهڙي پار؟

• پنارڪون (پريون) سگهرا (جوڙا) ڳوڻ (گهٽو) ڏرتي ڏُوڻ (زلزلو) ڇُوڻ (داڻو) لفظ پنيري صاحب جي شاعري ۾ ملاحضہ ڪريو:

تنهنجي آهي توڻ
سور آسان وٽ سگهرا آيا
پنهنجا پور پنارڪون
ڳٽتين جي آ ڳوڻ
اوڪا پنڌ عشق جا
جڻ ڪا ڏرتيءَ ڏوڻ
پنهل پنهنجي پيار جي
ڇؤ ڪي وڌئي ڇُوڻ

• تانگهہ (ڇڪ) لفظ غلام عباس پنيري هن طرح ڪم آندو آهي:

جيڏو عشق عباسڻ
تانگهون آهن تيڏيون.

• اڱڻ (پڌر) آڳر (اڳيون حصو) گهور (فنڪار لاءِ پئسا) جا لفظ اچو تہ ڪيئن ڪم آندا ويا آهن، ڏسون:

پنهنجي اڱڻ جي آڳر تي مان
گهورون توتي گهوريندس.

• ڏانوڻ ڏائڻ (قابو ڪرڻ، ٻڌڻ) جو اصطلاح لفظ سندس شاعري ۾ هن طرح آيو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرن ۾ ڏئي نينهن نياپو
عشق جيءَ ڏانوڻ ڏائين وئين.

- ونگجڻ (ٻڌجڻ) جو اصطلاح هن طرح شاعريءَ ۾ ڪم آندو اٿس:

اسان عشق تنهنجي ۾ ونگجي وياهون
اسيرن جي شناخت ڪندو ڪر.

- ڪوليون چڙهڻ (ڪاوڙ وٺڻ) اصطلاح غلام عباس ڀنيري جي شاعري ۾ ڏسو:

وڏين تو تون چهرا منهنجي چمن ڏي
چڙهن جڻ تہ ڪوليون ٿيون منهنجي بدن تي.

- گهل چڙهڻ (لشڪر جو چڙهڻ) ٻاٻور ٻڌڻ (خفيہ ڳالهہ ٻڌڻ) جا اصطلاح پڙهو:

وري گهل چڙهڻ جي تي ٻاٻور ٻڌجي
وري پاڪڙا ڪالهہ وهتن وڏائون.

- شهپر وٽڻ (بي پرواهي ڏيکارڻ) جو اصطلاح پڙهو:

ڪٽي سر تريءَ تي هو ٻيرو اچن ٿا
نچن ٿا ڪڏن ٿا ۽ شهپر وٽن ٿا.

- ٻوڙان ٻوڙ (تمام گهڻو) اصطلاح ڀنيري صاحب جي شاعريءَ ۾ پڙهو:

سڪ عباسڻ سمونڊ آ
سور بہ ٻوڙان ٻوڙ.

- ڏوهہ ڏڪڻ (خوف ڪرڻ) جو اصطلاح پڙهو:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهو جاتي مات ٿيا
تا ڏکن جا ٿي ڏوهہ.

غلام عباس ڀنيري جي شاعري ۾ ڪافيون ۽ وايون اڪثر طور ملن ٿيون ان طرح هو ڀٽائيءَ جي صنفن کي وري جياري رهيو آهي. ڀنيري صاحب پنهنجي علائقي جي شين، پکين، ڪردارن، گلن، ٻوٽن، وڻن، ميون ياڇين جو ذڪر بہ شاعريءَ ۾ ڪري ٿو جيڪا پڻ ڀٽائيءَ جي روايت آهي مثال طور پيرگڏي (تعلقہ ڪوٽڏيجي خيرپور) جون ٿهيل کھاڙيون مشهور آهن ڀنيري صاحب جي شاعريءَ ۾ پڙهو.

تنهنجيون اکيون يار مهاڙيون هن
جڻ پير گڏي جون کھاڙيون هن.

گمبٽ (خيرپور) جو ڪيس آخري پساهن ۾ آهي ان طرح گهوٽڪي ۽ خيرپور جي گئس بہ وڏو مسئلو بڻيل آهي رائلٽي ۽ مقامي ملازمتن جي حوالي سان ڀنيرو صاحب انهن لاءِ چوي ٿو:

گمبٽ جو ڪو ڪيس بچي
گهوٽڪي خيرپور گيس بچي.

غلام عباس ڀنيري جي شاعريءَ ۾ هتان جا پکي پڙهو:

- ڳيرا ڪبوتر ۽ ڪنگ اڏاٽا
  جڻ تہ فضا مان رنگ اڏاٽا
  لابارن کي تي ويا لا هيار.
- پکيئڙن پرولييون
  ٻگهن ڪونہ ٻوليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بـاپـيــهـو تــو تــر ۾ ٻــولــي
او تـر تـر ۾ اوڪــون لاتـيـون

• جڏهن سونهن سچ لاءِ ولاڙيون ڏنيون سون
تڏهن يار جهر جهنگ هي ڳتڪن تا ڳيرا.

• ڪڪر هوا ۾ چوهه چلن ٿا
ساڻ تري جيئن منچر تي.

• وڏيـن تـو تـون چـبـرا مـنـهـنـجي چـمـن ڏي
چڙهن چڻ تہ ڪوليون ٿيون منهنجي بدن تي

• پــٽ پــٽ چوٽــي مــور ٿــهـوڪــون
اڪ آ ان جي اوٽـــــــــر تـــــــــي.

پنيري جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا جانور بہ ذڪر ٿيل
آهن مثال طور:

جانــي جت چڙهــي ويــا
ڪـــونـــتـــل اٿ جڙا.

• سُمن ۽ امن سان متيا سات پنهنجا
گـهـمـن تـا گـسـن تـي اڙل هـي وڇـيـرا

• منـهـنجون چيتي وانگ چنگهاڙون
هـــاتـــيءَ جيـــڏو آهـــي هـــاڻُ

• هي رهبر نہ ٿيندا ڪڏهن ديس دوها
بگـهڙ جي ٻرن جا، پنـارا نـہ ٿـيـنـدا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام عباس پنيري جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا جيت بلائون به بيان ٿيل آهن:

- وڏين ٿو تون چيرا منهنجي چمن ڏي
چڙهن چڻ ته ڪوليون ٿيون منهنجي بدن تي

- اهي نانگ نيلا، ڪونيارا، وسيهر
وجهي وات پنهنجي سي رڙڪي ڇڏيائون

اچو ته پنيري صاحب جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا وڻ ٻوٽا پڙهون:

- ٻير ٻير، ڪنڊيون، ڪرڙ، لم لوا
ڪٻر ٻڙ ۽ ٻاهڻ پٽن پاهر پنهنجا.

- پيرون پپون هي چاڳر چارا
ترجا ٿوهر، لال ليار.

غلام عباس پنيري سنڌ جي ميون جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

مون وٽ پيرون لال ليار
ڏارن موڙي ڏيلهون ڪاءِ

- پيرون، پپون، هي چاڳر چارا
ترجا ٿوهر، لال ليار

- سوين سر سنڌوءَ تان ته قربان آهن
نه ڪي انب ٻوڪيا نه چانيا ڦلاريا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ڳاهن ڳلن ۽ ٻاجهن جو ذڪر هن طرح آهي:

- ڪنول مَن جا ويا ڪومائي
  ڦوڳ ڦٽا ڪاٺي نه ڦولار
- للر، ٻوهه، لوٽڪ، ڪنونيا ۽ ڪونيٽ
  ڏئي سر بچايون ڳسن ڳاهه پنهنجا
- سوين سر سنڌؤ تان ته قربان آهن
  نه ڪي انب ٻوڪيا نه جانيا ڦلاريا.

غلام عباس پنيري سنڌ جي ڪجهه شين جو ذڪر هن شعر ۾ ڪهڙي نه سهڻي نموني ڪيو آهي:

وري سنڌ سڏي ٿئي، اڄو سڀ اڄو
ڪٻا ڳهور سرڙا ۽ تؤنري، تڏي

سنڌ ۾ ڳهڙي (دلي) تي ڳائجندڙ راڳ ڳهڙولي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي هوجمالو راڳ ڳايو ويندو آهي. پنيرو صاحب ان کي هن طرح محفوظ ڪيو آهي.

صدائون سرن جون هوائن ۾ آهن
وري اڄ ڳهڙولي تا ڳائن ڳهڙن تني
مڇي ويندي پيڳهي ٽٽي ويندي ڪڙيون
وري هوجمالا پٽن ۽ پڙن تي.

غلام عباس پنيري مارئي، سهڻي، سسئي ۽ مومل کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳايو آهي ۽ ان طرح پيٽائيءَ جي راهہ تي هليو آهي.

پنيري صاحب جي شاعريءَ ۾ سامراج سان وڙهيل لڙاين ۽ قومي هيرن جي ذڪر تي هن مضمون جي پڇاڙي ڪريان ٿو.

مياڻي ۽ مڪلي آ عظمت اسان جي
اڃان تائين عبرت ۾ ترخان آهن
اسان هون عباسڻ سچا سنڌ ڄاوا
دودا دنگ تي سڀ دريا خان آهن.

**حزب الله - آءِ - سومرو**

**مرڪزي چيئرمين**

علم دوست ادبي سنگت سنڌ

سومرا محلہ نزد ماچيس فيڪٽري

سول اسپتال روڊ، خيرپور

موبائل: 0300-3290626

## هن صديءَ جو منفرد شاعر

پنهنجي ذات سان تعلق رکندڙ هر اها شيءِ جيڪا فائدو يا نقصان پهچائي ٿي هميشہ اسان جي ڌيان کي قيد ڪري ڇڏي ٿي پوءِ اسان جي فڪر جو جيڪو ڪجهہ بہ خيال پرواز ڪري ٿو ان ۾ تبي هٽي پاڻ کي آلو.ڪري ٿو ۽ ان جي ئي ڪناري تي ويهي پر چنبي پاڻ کي صاف ڪري سهٽو ڪري ان جي سامهون ئي ويهي رهي ٿو. جڏهن اسان پنهنجي ذات کي فائدو يا نقصان ڏيندڙ شين جي ڪناري تا اڏري ڪائنات جي حقيقي حسن کي پرکي وٺندا آهيون تڏهن ئي عظمتن جا هار اسان جو استقبال ڪندا آهن.

اڄ مان ان معصوم شاعر لاءِ لکي رهيو آهيان جنهن جي مَعصوم شاعري کي وقت، حالتن ۽ صحافت جهڙي مصروف لمحن جي جڪڙ قيد ڪري نہ سگهي. تمام ڊگهي وقت جي خاموشيءَ بعد هن جو معصوم شاعر جيئن جو تيئن شاعريءَ جي در کي ڪڙڪائيندو رهيو ۽ پوءِ اچانڪ غلام عباس پنيري پنهنجي اندر جو در وري کوليو ۽ پاڻ ۾ ٻڪجي ويا. ڪيتري وقت بعد ملڻ، ڪان پوءِ بہ پاڻ ۾ اوپرائپ محسوس نہ ڪياڻون چو تہ هن سخي دل انسان جو چهرو مهمان جي آڌر ڀاءُ لاءِ آتو هوندو آهي. هن جي اوطاقِ جا در هر ماڻهوءَ لاءِ کليل هوندا آهن. غلام عباس پنيرو، سائين جي ايم سيد کان وٺي استاد بخاري، نواز علي شوق تائين وڏن توڙي پاڻ کان بعد ۾ آيل شاعرن جو آڌر ڀاءُ ساڳئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معصوميت سان ڪندو آهي. هن جي زبان مان نڪرندڙ لفظ جن ۾ منافقي ۽ هروپرو جي تعريف نه هوندي آهي. پاڻ پڏائيندڙ ڪوڪلن ماڻهن اڳيان آئينو بڻجي پوندا آهن، جن ۾ پنهنجو حقيقي چهرو ڏسي يا ته اڪثر ماڻهو پڇي ويندا آهن يا وري پنهنجي اصلاح خاطر رڪجي پوندا آهن هن ڪري ۽ کهري انسان اڳيان صرف اهلِ دل ماڻهو ئي ويهي سگهن ٿا. غلام عباس پنيرو جي شخصيت گهڻ طرفي شخصيت آهي. سنڌي ادبي سنگت کي وڏي وقت کان پوءِ ١٩٨٠ع جي ڏهاڪي ۾ پيهر فعال بنائڻ لاءِ خيرپور ۾ اليڪشن ڪرائڻ، هر سماجي ۽ ادبي سنگت کي همٿائڻ، هر ڪم ۾ ماڻهن سان گڏ ٻيهڻ، وڏن کان وٺي ننڍن پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ. پاڻ کي پوئتي رکي ٻين کي عزت ڏيڻ، هن جي وڏي سڃاڻپ آهي. انهيءَ معصوم ۽ نفيس طبيعت سبب شاعريءَ هن جي درڪي نه ڇڏيو. غلام عباس پنيرو جي شاعري پڙهڻ بعد اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته هو هن صديءَ جو منفرد شاعر آهي. جنهن وٽ قومي جذبي کان وٺي اپوجهه غريب ۽ بي سهارا انسانن لاءِ همدردي آهي ۽ وقت تي لا اِله الاالله چئي پاڻ ملهائڻ جو عمل به آهي. غلام عباس پنيري جي شاعريءَ ۾ روحاني راز لڪيل آهن. غور ڪبو ته سچل، بيدل، بيڪس، روحل جو تسلسل لڳندو. هن جون وايون جن ۾ جدت جو اهڙو وجد آهي جو پڙهڻ بعد هر ماڻهو ان کي ڳائڻ جي ڪوشش ڪندو. غلام عباس پنيرو وائيءَ جهڙي نازڪ صنف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نوان تجربا ڪيا آهن. انهيءَ نواڻ جي ڪري هن ڪي هن صديءَ جو منفرد شاعر طور سڃاتو ويندو. توڙي جو غلام عباس ڀنڀري ۽ منهنجيءَ عمر ۾ گهڻو فرق آهي پر پوءِ بہ مان جڏهن بہ غلام عباس ڀنڀري سان مليو آهيان تہ بزرگ سمجهي نہ پر پنهنجو بهترين ساٿي، دوست ۽ رهبر سمجهي سنڌس آڏر ڀاءُ ڪيو آهي. سنڌس ادبي خدمتون تاريخ ۾ ڪڏهن بہ وساري نہ ٿيون سگهجن. هن جي اوطاق تي هفتي ۾ ٻي ٽي مشاعرا ٿيندا رهندا آهن. هن جو هڪڙو جملو منهنجي لاءِ روشن راهہ مثل آهي، ”ڇڏ ٻين کي امجد! سڀ ڪجهہ تون آن، سڀ ڪجهہ تون ٿي وڃ“ سنڌس جو اهو جملو هرملنڌڙ نوجوان لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي سنڌي قوم جو هر فرد جيڪڏهن ان جملي تي غور ڪري ۽ عمل ڪري تہ خوشحالي اسان جا قدم چمندي.

**امجد دراني**

خيرپور ميرس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تصوف جو پارکو: غلام عباس پنيرو

محي الدين ابن عربي جڏهن وحدت الوجود يعني همہ اوست جو نظريو آندو تہ هيءَ ”دنيا“ ۽ ”دنيا جو خالق“ هڪڙو ئي وجود رکن ٿا، تہ ڪجهہ عالمن سندس همہ اوست واري نظريي جي ترديد ڪئي. ڪن زباني ۽ ڪن تحريري طور تي بہ ترديد ڪئي. مگر همہ اوست واري نظريي ٿوري ئي عرصي ۾ اسلامي ملڪن ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪيو. تحريري طور تي پنج صدين بعد حضرت مجدد الف ثاني پنهنجو وحدت الشهود يعني همہ از اوست وارو نظريو سامهون آندو. اهڙي طرح بنهي نظرين تي اسلامي ملڪن ۾ گهڻو بحث ٿيندو رهيو. مگر هن وقت ڏسجي تہ همہ اوست واري نظريي کي ڪافي برتري حاصل آهي. مثال طور بايزيد بسطامي، منصور حلاج، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، روحل فقير، بيدل، بيڪس ۽ ٻيا ڪيترائي صوفي بزرگ ان سلسلي جي ڪڙي آهن ۽ اِهي همہ اوست واري نظريي سان تعلق رکن ٿا هتي منهنجو مقصد تصوف تي بحث ڪرڻ نہ پر اهو پرکڻو آهي تہ غلام عباس پنيرو جيڪو موجوده دور ۾ صوفي شاعر جي حيثيت ۾ معروف ٿيو آهي. سندس شاعري ۾ تصوف ڪيتري قدر آهي ۽ هو ڪيتري قدر تصوف جو پارکو آهي اِهو ڄاڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندس ڪتاب لاءِ چونڊيل شاعريءَ تي باريڪ بينيءَ سان نظرثاني ڪريون.

غلام عباس پنيرو شاعريءَ ذريعي ڪيترن هنڌن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالق ڪائنات سان مخاطب آهي تہ ڪنهن هنڌ وري پاڻ کي عرش تي محسوس ڪري ٿو. ڪٿي فقيري رمز ۾ اچي مُلن مولوين کي تلقين ٿو ڪري تہ تنهنجيون اِهي فتوائون ۽ ڦاهيون مشتاقن کي منزل تي رسڻ کان روڪي نہ ٿيون سگهن. ڪٿي نفس کي مارڻ جي ۽ اندر اوجارڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري ۽ ڪٿي وري منزل ماڻڻ جا گس ٿو ڏسي.

اڏري ڪاڏي ڏور نہ وڃ
پنهنجي منزل پاڻ ۾ ڳول
عشق جي آويءَ پاڻ پچائي
نفس کي برهہ اندر ۾ پيچ
پنهنجي منزل پاڻ ۾ ڳول

غلام عباس پنيري جي شاعري ۾ هڪڙي طرف تصوف جون رمزون تہ ٻئي طرف سنڌ دوستي جا جلوا بہ چٽا ظاهر آهن. هونءَ بہ شاعري اُهائي امر رهي ٿي جنهن ۾ ڪو درس، ڪا نصيحت يا ڪنهن دور جي ترجماني ڪيل هُجي. جيئين ايندڙ نسل ان مان ڪو سبق حاصل ڪري سگهي. اسان هتي شاعريءَ مان رڳو چند شعر ڏينداسون باقي اِهو پڙهندڙ تي منحصر آهي تہ هو ان کي ڪهڙي ريت ٿا سمجهن.

نہ ايندي پوڏ ڪا آندي
اسانجا عرش تي ديرا.

•

فقيرن سان خدا راضي
نہ ڪر جهيڙو ملان قاضي
نہ فتويٰ ڏي نہ ڦاهي اڏ
فقيرن جي مٿي منزل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن درويش صفت انسان جي شاعريءَ ڪٿي نهايت نازڪ ۽ حساس خيال آهن ۽ ڪٿي وري تمام گهڻي عاجزي ۽ سمايل آهي جيئن هڪڙي هنڌ نهايت حساس ۽ من موهيندڙ خيال ڏنو اٿس ته:

ڏي ڇڏي هو واس تورو پل وٺن
پوپٽن جي پيار تي بندش نه هڻ
اسان تو اڳيان ڏاڍا ڪمزور آهيون
پرين پيار جي ڪا سخاوت ڪندو ڪر

سنڌ جي تاريخي لوڪ داستانن کي به جهڙي طرح هن شاعري ۾ محفوظ ڪيو آهي. اِهو هڪ تاريخي ۽ مثالي ڪارنامو آهي. سنڌ جي لوڪ داستانن کي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه حضرت سچل سرمست رحه سميت ڪيترن ئي شاعرن شاعريءَ جي زينت بڻايو آهي. مگر غلام عباس ڀنيري به سنڌ جي لوڪ داستانن کي سهيڙي پنهنجو الڳ مقام ناهيو آهي.

چڙهي ڏاگهه مومل ڀئي سسئي ڪشالي
ٻڏي سير سهڻيءَ ٿي لهرن حوالي
ڪيا عشق هباجا مٺا راج راڻا
وڃائي عقل هوش وينا سياڻا

اهڙيون ڪيتريون ئي وايون ۽ غزل هن ڪتاب ۾ شامل آهن جن ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن کي هڪ وڏيڪ محفوظ جڳهه ملي آهي. غلام عباس ڀنيري هن ڪتاب ۾ سنڌ پرستي کي نئين ۽ نرالي انداز ۾ پيش ڪري سنڌ سان سچائي جو ثبوت ڏنو آهي. مٿيءَ سان محبت ئي انسان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقي انسان بڻائي ٿي ڇو تہ انسان مٽيءَ جو ٺهيل آهي ۽ هو نيٺ مٽيءَ سان هڪ ٿي ويندو تنهن ڪري انسان تي فرض آهي تہ هو محب وطن ٿي حياتي گذاري.

سنڌڙي تنهنجا سور
کهڙا ڪهڙا ماڻ لڪان.

•

سنڌڙي منهنجو دين ايمان
سنڌوءَ ۾ آساهہ آسانجو

•

سنڌوءَ خاطر يار وڙهو
بڻجي ڪا تلوار وڙهو
جنت جهڙي سنڌ بچي.

موجوده دور ۾ هن ڪتاب جي سخت ضرورت هُئي ڇو تہ هن ۾ ڪيئي نصيحتون هدايتون ملن ٿيون ۽ سنڌ جي سورن جي عڪاسي ٿيل آهي. جيئين نوجوان ۽ ايندڙ نسل هن ڪتاب مان همت افزا ٿي، نصيحتون وٺي ڌرتي جي دردن جو درمان ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

**علي جاگيراڻي**
خيرپور ميرس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وايون ۽ ڪافيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي آهي تُوڻ،
سُور اسان وٽ سگهرا آيا.

پنهنجا پُور پنارڪون،
ڳڻتين جي آ ڳُوڻ
سور اسان وٽ سگهرا آيا.

اوڪا پنڌ عشق جا،
جڻ ڪا ڏرتيءَ ڏُوڻ
سُور اسان وٽ سگهرا آيا.

پنهل پنهنجي پيار جي،
چؤڪي وڌئي چُوڻ
سور اسان وٽ سگهرا آيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو مون کان هوندين ڏور
تـوڏي ايـنـدي پيـر نـہ ٽـڪـبـا
انـدر چڙ تـو کـورو کـامـي
تـن مـن مـنـهـنجو ٿـيـو تـنـدور
تـوڏي ايـنـدي پيـر نـہ ٽـڪـبـا
ڏونگـر ڪـوهـہ لـتاڙيـنـدي هـي
سـاٿـي بـڻـيـا آهـن سـور
تـوڏي ايـنـدي پيـر نـہ ٽـڪـبـا
سي ڪيئن جهلبا يار عباسڻ
جيڪي گهايا تنهنجي گهور
تـوڏي ايـنـدي پيـر نـہ ٽـڪـبـا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ گهڙي پل ڪا تون يار
واڻن تي مون وار وڇايا
مون ڪي ڏاڍو ڀار وڻين ٿو
تنهنجا وڻن ٿا سڀ سينگار
واڻن تي مون وار وڇايا.
اوجاڳا هي اکڙين جا هن،
منهنجي اندر جا اظهار
واڻن تي مون وار وڇايا
نيڻ عباسڻ اوتر وانگر
جڻ ڪي پوزب جا وسڪار
واڻن تي مون وار وڇايا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل تان ڪونہ لهين تو يار،

تسبيح وانگر توکي پڙهان ٿو

ڏاڍا ڏينهن ڏٺي ٿيا توکي،

هيل تہ اچ ڪو ٿئي ديدار

تسبيح وانگر توکي پڙهان ٿو

تنهنجي اچڻ سان عيدون ايندريون،

ايندو مون وٽ چڻ تہ بهار.

تسبيح وانگر توکي پڙهان ٿو.

عشق رڱيو آ يار عباسڻ،

نينهن اسان جو آ نروار

تسبيح وانگر توکي پڙهان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وار اڇا هـــي چانـــدي تـــيـــا
آءُ پـــريـــن تـــون هـــيـــل تـــہ آ
ســـرهـــون جام قـــلاريـــون
ڪـــٽـــڪـــن ۾ يـــي آئُون پـــيـــا
آءُ پـــريـــن تـــون هـــيـــل تـــہ آ
ڪَڪُلَ پـــيـــرَ ڪـــڪـــوريـــا،
ڏِڏَڙيـــون ڏؤنـــرا اڻ مَيـــا
آءُ پـــريـــن تـــون هـــيـــل تـــہ آ
يـــار عـــبـــاســـڻ پـــارا
جاڻ مـــســـافـــر بـــڻـــجي ويـــا
آءُ پـــريـــن تـــون هـــيـــل تـــہ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساريندي مون سال ٿيا،
هيل به يار نه آئين تون.
تنهنجي واٽ نهاريندي
چاندوڪيون ۽ چيٽ ويا
هيل به يار نه آئين تون
جاڳي مون ته گذاريو آ،
پاري دل جا تيل ڏيا
هيل به يار نه آئين تون.
تو بن نيڻ عباسڻ جا،
بادل وانگي برسي پيا
هيل به يار نه آئين تون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٻي ڪا توں سخاوت ڪر،
اسان ديدار ۾ راضي.
مٺا مُنھنڙو ائين موڙي،
نہ اھڙي ڪا قيامت ڪر.
اسان ديدار ۾ راضي.
ڏسي حالت پرين منھنجي،
اسان سان تون رعايت ڪر.
اسان ديدار ۾ راضي.
پري ڪان ٿي عباسڻ ڏي،
نِھارڻ جي عنايت ڪر.
اسان ديدار ۾ راضي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مومل ڪالهه مئي،
اڄ ڪڪوري ڪاڪ الا
نيٺئون نِير بس نہ ڪن،
جهوري جيءَ نہ جهاڪ الا.
اڄ ڪڪوري ڪاڪ الا
ڇُٽا ڦت چڪي پيا،
چيهون ڪري چاڪ الا
اڄ ڪڪوري ڪاڪ الا.
پرهہ ويلي پِرت جي،
ڪاڪ وسي ٿي ماڪ الا
اڄ ڪڪوري ڪاڪ الا
موٽي آءُ تون مينڌرا،
مومل پوتي پاڪ الا.
اڄ ڪڪوري ڪاڪ الا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻين اُڀرن نير،
جِهرڻا جهرڻا جيءُ ٿيو
هاءِ وڇوڙي جا الا،
منهنجي ڪک ۾ ڪير
جهرڻا جهرڻا جيءُ ٿيو.
آٿي هنئين اوڙاهه ۾،
آڌي رات اُڪير
جهرڻا جهرڻا جيءُ ٿيو،
تنهنجي الفت ائين الا،
ٿر ٿي ٿڌڙي هِير،
جِهرڻا جِهرڻا جيءُ ٿيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي تہ پکي پرديسيئڙو،

دبـــهـــڙي ۾ قـــاتـــو آ.

ڇوڻ وجهي ڪنهن هيرايو،

جانـيـئـڙو هـي جوڳيـئـڙو

دبـــهـــڙي ۾ قـــاتـــو آ.

ڪهڙيءَ جوءِ مان آيو هو،

پرڙا سوري پيار پکيـئـڙو

دبـــهـــڙي ۾ قـــاتـــو آ

چالاڪيءَ سان ڪنهن تہ عباسڻ

ڪو جهوريو آهي جيئـڙو

دبـــهـــڙي ۾ قـــاتـــو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـــر ۾ تـــاذل تـــي وو يـــار،
منـهـنجا پـرين تـون مـوتـي آ.
كـنـوٽـين ڪِجـڪـا پُورب جا،
اوڪـــون مـوڪـــون لاٺُون لار
منـهـنجا پـرين تـون مـوتـي آ.
چيـڄَ ۾ جڻ ڪـو چيـذڪ آ،
ڪوليو گُهندُ جڻ ڪنهن تـہ ڪُنوار
منـهـنجا پـرين تـون مـوتـي آ.
عـشـق عـبـاسـڻ آ فـاقـي آ،
عـشـق وارن جا پـيـڙا پـار.
منـهـنجا پـرين تـون مـوتـي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽا سال ٿي ويا
پرين هيل اڇجان
گهٽائون گجن ٿيون
وسي ٿر ٿڏا ٿيا
پرين هيل اڇجان
ڦٽا ڦوڳڻ ڪونپيتَ
ڪتونيا، ڪڙي پيا
پرين هيل اڇجان
پڪا جام پيرون
نوان نينهن نِسريا
پرين هيل اڇجان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلا هُو ويڙا،
ڇڏي هت اسان کي.
الائي ته ڪهڙي،
وجي ٿاڪ ٽيڙا.
ڇڏي هت اسان کي.
ٻڌائي نه پيارا،
هتان پنڌ پيڙا.
ڇڏي هت اسان کي.
عباسڻ وساري،
ويا جُوءِ جيئڙا.
ڇڏي هت اسان کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين چاڻ آيا
وري ٿيندو ميلو
نوان نينهن وارن
وڳا ويس پايا
وري ٿيندو ميلو
وري هنو جمالا
اِجهو چاڻ ڳايا
وري ٿيندو ميلو
عباسڻ اکين ۾
وچاڻا وچايا
وري ٿيندو ميلو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـنـهـنـجي يـاد ڳراتـڙي
چڻ كـو ڳاڙهـو گـل
پـيـو پـونم چنـڊ چڻ
اڱڻ مـنـجهـہ كـڙي
چڻ كـو ڳاڙهـو گـل
ميـگهہ جي پـريـات جو
پـيـو آهـي تـڙي
چڻ كـو ڳاڙهـو گـل.
مـيـنـهـن جهـڙي مـاك تـي
پـيـو آهـي لـڙي
چڻ كـو ڳاڙهـو گـل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُسي مون کان وڃڻ وارا
اڪيلو تون بہ ٿي ويندين

ڪري ڪاوڙ وڃين ٿو تون
نہ ڪي منٿون مڃين ٿو تون
وساري يار مون پارا
اڪيلو تون بہ ٿي ويندين

وِڇي تو چُوڻ هيرايو
اسان پي پيچ هو پاِيو
ڇڏي مون کي هتي پيارا
اڪيلو تون بہ ٿي ويندين

عباسڻ سان ڪري ايڏيون
وڇي وِٿيون وٺين ڪيڏيون
ڇني ناتا سچا سارا
اڪيلو بہ تون ٿي ويندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چتڙن جا هُون يار پئي،
مون کي تون نہ وسارجان.

ڪٽڪن جوئر پاجهر ۾،
لڪ لڪوتي راند ڪئي،
مون کي تون نہ وسارجان.

توڏي يار نهاريندي،
مند وئي ڪا مهل وئي،
مون کي تون نہ وسارجان.

ويندي ڪيچ عباسڻ مان
ويندس ڪائي ڏاهہ ڏئي.
مون کي تون نہ وسارجان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچين جي تون نہ تو سهڻا
اسان جي پي سري ويندي
اسان جا پيار ۾ توسان
نڪي ليڪا نڪي لهڻا
اسان جي پي سري ويندي
ڏسي هي بي رُخي تنهنجي
ملن تا روز پيا مهڻا
اسان جي پي سري ويندي
عباسڻ آ، ٻڌو ٻاتهو
اسان راضي هتي رهڻا
اسان جي پي سري ويندي۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ياد ڪري وويار

اڪڙيون پرجي آيون.

نيڻن ننڊ ڦٽي وئي آهي،

نير وهن ٿا ڇڻ نيسار

اڪڙيون پرجي آيون.

وڇارو ٿي يار هليو وئين،

ڪاڏي وئين تون ڪهڙي پار

اڪڙيون پرجي آيون.

توبن جيءُ جهري پيو آهي،

آهه عباسڻ ڪونہ قرار

اڪڙيون پرجي آيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـــوڌ ايـــنـــدي ڪـــا وڏي

مـــون جڏهـــن روئـــي ڏنـــو.

وَهــنــدو ڳوڙهــن جو دريــاءُ،

پــيــلا ويــنــدا ســـي پــڏي.

مـــون جڏهـــن روئـــي ڏنـــو.

ڪــوهــَ لُڙهــنــدا ٿَرُ ســڄو،

مـــــال ســـــارا ۽ مـــــڏي.

مـــون جڏهـــن روئـــي ڏنـــو.

هـــي جدائـــي زلـــزلـــو آ،

لــوح ويــنــدا ســـي لــڏي.

مـــون جڏهـــن روئـــي ڏنـــو.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن کان ھن اِکڙيون آتيون،
ھيل تہ اچ کو ميلو ڪر.
ويندي ويندي يار ھٽي وئين،
منھنجي دل ۾ ڦهري ڪاتيون.
ھيل تہ اچ کو ميلو ڪر.
توبن منھنجا ڪونہ ٿا ڪتجن،
ڏھلا ڏينھن ۽ روڳي راتيون.
ھيل تہ اچ کو ميلو ڪر.
ٻاروتڻ ۾ اکڙيون اٽڪيون،
ياد ھوندئي سي ٻوليون ٻاتيون.
ھيل تہ اچ کو ميلو ڪر.
ٻاٻيھو ٿو تر ۾ ٻولي،
او تَرَ تر ۾ اوکُون لاتيون.
ھيل تہ اچ کو ميلو ڪر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِگھڙ موتي وري ايندا،
پرين پرديس جي ويڙا.
وطن کان بي وطن ٿيندي،
ميارون ويا سڄڻ ڏيندا.
پرين پرديس جي ويڙا.
اگڻ ايندا جڏهن جاني،
دلي ديدار تي ويندا.
پرين پرديس جي ويڙا
وڇوڙي ۾ عباسڻ جا،
سڏي ساٿي اچي ٿيندا.
پرين پرديس جي ويڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڏري جيڪر چنڊ تي هلجي،
ڏرتي دوزخ بڻجي وئي آ.
ماڻهو ماڻهوءَ کي ٿو کائي،
ڪنهن کي ڪنهن کي ڪنهن کي جهلجي،
ڏرتي دوزخ بڻجي وئي آ.
دهشتگردي چور بازاري،
چورَ وڏيري وٽ ٿي پلجي.
ڏرتي دوزخ بڻجي وئي آ.
حاڪم جو ڪو حال نہ آهي،
سُورُ عباسڻ ڪنهن سان سلجي.
ڏرتي دوزخ بڻجي وئي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وســـي نـــور پـــيـــو آ،
پـــريـــنءَ جي اچڻ ســـان.

بـــهـــارن جي خوشـــبـــو
ســـڄو جڳ ٽـــيـــو آ
پـــريـــنءَ جي اچڻ ســـان.

عـــلـــم جو، عـــقـــل جو،
ڀـــري پـــيـــو ڏيـــئـــو آ.
پـــريـــنءَ جي اچڻ ســـان.

لـــڳي جڻ عـــبـــاســـڻ،
نـــئـــون نـــيـــنـــهـــن ويـــو آ.
پـــريـــنءَ جي اچڻ ســـان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر کي چريو ڪري،
منهنجي اڳيان ايندو نہ ڪر.
ڪوڙڪيون اکڙيون اڏي،
تون سامهون سُڏڪا پري.
منهنجي اڳيان ايندو نہ ڪر.
ناز تنهنجا هن عجب،
شهر تو ڦٿڪي مري.
منهنجي اڳيان ايندو نہ ڪر.
دل عباسڻ آ ائين،
باهہ جيئن پڙڪي ٻري.
منهنجي اڳيان ايندو نہ ڪر۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايــڏا ڏک نــہ ڏي ڙي يــار،
پــرديــســين جي پــارت ٿــي.

ايڏيون وِٿيون سال نہ وِڃُهہ،
قرب جو ايڏو ڪال نہ وِڃُهہ،
بند نہ ڪر تون دل جا دوارَ.
پــرديــســين جي پــارت ٿــي.

نــيــنــهــن جيَنــازڪ ڏوري آ،
هــيءَ حــيــاتــي ٿــوري آ،
تــنــد تــٽــي ڪــا پــونــدي تــارَ.
پــرديــســين جي پــارت ٿــي.

هِيئن هليو جي ويندو ساڻ،
سپنن ۾ پيو ايندو ساڻ،
يــار عــبــاســڻ ڪــي نــہ وســار.
پــرديــســين جي پــارت ٿــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا جي پرين هٿ اسان کي ڇڏي،
وسي وڏ ڦڙي جيان پياسي تہ هوندا.
ڏسي تن کي ويندي، ٽمي نيڻ پيا
وڄهي ويا اسان کي وڇوڙي وڏي
وسي وڏ ڦڙي جيان پيا، سي تہ هوندا.
وئي ننڊ نيڻن مان هوندن هلي،
رُنا هوندا راتيون نهاري سڏي.
وسي وڏ ڦڙي جيان پياسي تہ هوندا.
وڏو آسرو آ عباسڻ اچان،
اچي تيندا مهمان منهنجي تڏي.
وسي وڏ ڦڙي جيان پيا، سي تہ هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ســا قــيــامــت آ گــهــڙي،
جنهن گهڙيءَ تون گڏ نہ آن.
حــال كــان بــي حــال مــان،
آزمـــــائـــــش آ ڪـــــڙي.
جنهن گهڙيءَ تون گڏ نہ آن.
رات تــارن ســان ڪــئــي،
ڳالــهـــ مــون روئـــي رڙي.
جنهن گهڙيءَ تون گڏ نہ آن.
دل عــبــاســڻ جي پــريــن،
سُورَ صـــدمـــن ۾ ســـڙي.
جنهن گهڙيءَ تون گڏ نہ آن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنت دوزخ جو ڪو يار،
عشق وارن کي فڪر نہ آ.
حورن ۽ غلمانن جو،
حاڪم جي فرمانن جو،
ڳڻتي ڳاراڻي ڪنهن ڳارَ.
عشق وارن کي فڪر نہ آ.
عاشق ظاهر پڌرا پاڻ،
سُونهن سچائي ۽ سُرهاڻ.
انگل پاور ۽ اختيار.
عشق وارن کي فڪر نہ آ.
يار عباسڻ ڪوڙ نہ ڪچ،
عاشق آهن سارو سچُ
نينهن وارا هن سڀ نروار.
عشق وارن کي فڪر نہ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُئان آزيون ڪيان ڪيڏيون،
پرين مون سان نٿا پرچن.
رُسي ويا رات ها مون کان،
وِجهي وِٿيون جبل جيڏيون.
پرين مون سان نٿا پرچن.
اڪيون اوٺر ويون بڻجي،
ڪيون مون سان اٺن ايڏيون.
پرين مون سان نٿا پرچن.
وڇوڙي ۾ عباسڻ سان،
ٿيون ڏاڍيون هتي هيڏيون.
پرين مون سان نٿا پرچن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتاهو ڪا رات هٽي وئي،
تيندي ڪا ويڙهاند وڏي.

هيءَ سنڌڙي ڪو ڳڙڪائي ٿو،
چڻ قيامت ڪا ڪڙڪائي ٿو،
سونهن جي ساري سونهن ڇٽي وئي.
تيندي ڪا ويڙهاند وڏي.

ماٺهو مٽيادار پياهن،
تاريخي ڪردار پياهن،
رات هي سارا ڪيل ڪٽي وئي.
تيندي ڪا ويڙهاند وڏي.

سسُور عباسڻ سر تي آيا،
گهاوَ اسان جا ٻيهر گهايا،
ويڙهه جي آخر واٽ وٽي وئي.
تيندي ڪا ويڙهاند وڏي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ڪُٽــي وئــي آهــي يــار
هاڻي لڳي ٿو تون نہ ايندين

تــارا ســـڀ لــڙي ويــا آهــن
دل جا انــگ اڙي ويــا آهــن

ڏڻ ڇوڙي ويــا ســـڀ ڏنــار
هاڻي لڳي ٿو تون نہ ايندين

ڳيرا ڪبوتر ۽ ڪنگ اڏاڻا
چڻ تہ فضا مان رنگ اڏاڻا

لابـــارن تـــي ويــا لاهـــيـــار
هاڻي لڳي ٿو تون نہ ايندين

رات اسان کي گهائي وئي
سُور ڏئــي ســرچائــي وئــي

ڪــاڏي ويــا هــي قــول قــرار
هاڻي لڳي ٿو تون نہ ايندين

هيءُ پکي پر سوري ويندو
ڪوتہ عباسڻ آخر ايندو

ايـــنـــدو مـــون وٽ ڇوڙي وار
هاڻي لڳي ٿو تون نہ ايندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـٽـڪــن ۾ پـيـا لابـارا،
هـيـل تـہ مـوٽـي اچجان يـار.

گــيــت وفــا جا ڳائــن تــا،
لاهــيــاريــون ۽ لاهــيــارا.
هـيـل تـہ مـوٽـي اچجان يـار.

تُنـهـنـجي رَنـدن، پَنـڌَن تـي،
وار وڇايم وڻــــــــــجارا،
هـيـل تـہ مـوٽـي اچجان يـار.

عـشـق جا ڏڪ عـبـاسـڻ هـي،
ڪــيــڏا آهــن ڪـاپــارا،
هـيـل تـہ مـوٽـي اچجان يـار.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هانڪاڏي تو وڃين،
شام تي وٺي آ پرين.
رات هتڙي پئُہ رهي،
چو نہ تو منٿون مڃين.
شام تي وٺي آ پرين.
سڪ نہ آ منهنجي لئي،
دل اڃا آهي اڃين،
شام تي وٺي آ پرين،
آ عباڻ تو سوا،
رات ساري ڇڻ سڃين.
شام تي وٺي آ پرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي عيد ۾ هولي آلا،
غربت ۾ تنگ ماڻهن جي.
ڪونه سڏارا آنديءِ حاڪم،
ڪانه ٻڌئي ڪا ٻولي الا.
غربت ۾ تنگ ماڻهن جي.
ڳُنڍڻُ، ڍوڍو پيٽ ۾ ناهي،
لِيڙون، چيڙون چولي آلا.
غربت ۾ تنگ ماڻهن جي.
ڳُذري ويندي يار عباسڻ،
اوڪي، سوڪي، اولي الا.
غربت ۾ تنگ ماڻهن جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا سڏ واڪا
هي وايون وراڪا

ٻُڌئي ڪونه راڻا
ٻُڌئي چونه راڻا

پکيئڙن پروليون
ٻَگهن ڪونه ٻوليون

واهيرا وياڪا
منهنجا سڏ واڪا

اوير آ ڪو اُپريو
اوتر آ ڪو اُپڙيو

اندر قارون قاڪا
منهنجا سڏ واڪا

منهنجا قتَ قاتا
آهن گهاوَ گهاتا

سِبيا ڪونه تاڪا
منهنجا سڏ واڪا

رهيا ڪين راڻا
ڪي مون وٽ اياڻا

خوشيون ڪيل خاڪا
منهنجا سڏ واڪا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جي ڪالهہ هليا ويا،

تـــن جي آءُ ڳـــولـــي الا

تـــن جي آءُ گـــولـــي الا

سمجهي مون هئي ڪين ڪي

پـــاروچي ٻـــولـــي الا

تـــن جي آءُ گـــولـــي الا

هُج نہ منهنجي هوت سان

آءُ جهـــلـــيـــان جهـــولـــي الا

تـــن جي آءُ گـــولـــي الا

ڳالهہ عباسڻ عشق جي

نـــاهـــي ڪـــا ســـولـــي الا

تـــن جي آءُ گـــولـــي الا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يـــار اڱڻ تـــي آيـــا،

عـشـق مـلـيـو انـعـام آ.

يـارن نـيـهـي پـيـهـي،

دل ۾ ديـــرا لاٿـيـــا.

عـشـق مـيـلـو انـعـام آ.

آفـــاقـــي الـــهـــامـــي،

پـيـچ اسـان هـي پـايـا.

عـشـق مـلـيـو انـعـام آ.

نـيـبـهـہَ جا تـہ عـبـاسڻ،

ڏانـوڻ سـوگـهـا ڏايـا.

عـشـق مـلـيـو انـعـام آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پــريــن اڄ پــاڻ هـــن آيــا،
تنهن کو حوصلو ڪونهي.
خُمــــارن ۾ وَيـــا وتـــجي،
نـشـا مـحـفـل مـتـان ڇايـا.
تنهن کو حوصلو ڪونهي.
صُراحـيـون پـيـگ ۽ پـيـالا،
سـجي مـحـفـل نـچي نـايـا.
تنهن کو حوصلو ڪونهي.
ڳجهي ويا راند ها عاشـق،
عـبـاسـڻ سـور سـرچايـا،
تنهن کو حوصلو ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ وڏا ويــراڳ تــيـــنـــدا،
پاڻ جڏهن ٻئي ملنداسون.
مَستي موج الستي ٿينـدي،
خوشيـون ۽ ڪـٽراڳ ٿيـنـدا.
پاڻ جڏهن ٻئي ملنداسُون.
مينهن ڪـي وسندا محبت جا هِتِ،
ڇُوڙيـلـين جا چاڳ تــيـنـدا،
پاڻ جڏهن ٻئي ملنداسون.
منـدون نيٺ تہ موٽي ايـنـديون،
ڀونءِ سنديءَ جا ڀاڳ ٿيندا.
پـاڻ جڏهـن ٻـئـي مـلـنسـون.
قُرب ونـدي ڀـل هــرڪـو مـاڻـهـو،
آجا مــارن مــاڳ تـــيــــنــــدا.
پاڻ جڏهن ٻئي ملنداسون.
راڳ وڏا ويــراڳ تــيـــنـــدا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برھہ اندر ۾ ٻاھيون پڙڪا،
عشق اسان وٽ آيو آ.
ڳنڍ جي ڪائي تار وئي آ،
عرش تي ڪَڙ ڪَڙ ڪڙڪا.
عشق اسان وٽ آيو آ.
پو رب ڄڻ ڪو پلٽيو آهي،
گوڙيون گڙ گڙ گڙڪا.
عشق اسان وٽ آيو آ.
عشق جا يار عباسڻ ڪيڏا،
تاڪوڙا تَڙ تڙڪا.
عشق اسان وٽ آيو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان پڪا پختا آهن،
ٻاروتڻ جا پيچ پرين.
ٻنڌڻ ۾ جي پيوند پيا،
هڪڙو پل پي وسريا ناهن
ٻاروتڻ جا پيچ پرين
عشق جا ڌوڻا ڌوڻن تا،
ڳاهه جيان تا مون کي ڳاهن
ٻاروتڻ جا پيچ پرين.
هي پنڌ اسان جي پيار جا،
يار عباسڻ ڪيچ ڏي ڪاهن.
ٻارتڻ جا پيچ پرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙي تنهنجا سُور،
کهڙا کهڙا مان لکان.
پيٽ سنڌوءَ مان ريت اُڏامي،
ناهه وٽن ۾ ٻُور.
کهڙا کهڙا مان لکان.
ڌرتيءَ تي هن ڌاڙيلن جا،
ڪيڏا قَهَر ڪلُور
کهڙا کهڙا مان لکان.
ڏوتي پنهنجي ڏيهه منجهان،
ڏاڍو ويڙا ڏُور
کهڙا کهڙا مان لکان.
موڻ ڪي آسِ عباسڻ تنهنجو،
پوياڙيءَ جو ٻُور.
کهڙا کهڙا مان لکان.
سنڌڙي تنهنجا سُور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري پيرن سان ياڳيا هن،
لڳو آ ڪاٿُ سنڌوءَ ڪي
ڏسي هي ڪاٿُ ۾ پيرا،
لڳي ٿو چور ساڳيا هن.
لڳو آ ڪاٿُ سنڌوءَ ڪي.
ٿيو تاراج تَرُ آهي،
تڏهن جوڳي هي جاڳيا هن.
لڳو آ ڪاٿُ سنڌوءَ ڪي.
ٻَلوَ ۾ پاندَ سڀ ٿيندا،
عباسڻ رَندَ راڳيا هن،
لڳو آ ڪاٿُ سنڌوءَ ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙي تنهنجا گيت،
ڳائيندو مان جنت ويندس.
وڻ ٽڻ تنهنجا پنيون پارا،
منهنجا آهن مِيت.
ڳائيندو مان جنت ويندس.
جنت ۾ پيي هوندا هوندا،
هوندا سڀ سنگيت.
ڳائيندو مان جنت ويندس.
نيٺ تہ ٿيندي سوڀ عباسڻ،
جاڏي ڪاڏي جيت
ڳائيندو مان جنت ويندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏس چوڏس چارن ۾،
سورج چنڊ ستارن ۾،
تنهنجي سونهن جو چرچو آ.

دريائن ۽ ٻيٽن ۾،
چانڊوڪين ۽ چيٽن ۾،
بلبل باغ بهارن ۾.
تنهنجي سونهن جو چرچو آ.

پورب جي وسڪارن ۾،
ڳيرن جي ڳٽڪارن ۾،
واهيرن وٽڪارن ۾.
تنهنجي سونهن جو چرچو آ.

يار عباسڻ پارن ۾،
ديدُن ۾ ديدارن ۾،
ڪوهن ڪونج قطارن ۾.
تنهنجي سونهن جو چرچو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجو سانگو لاهي هَلُ،
عشق جو پنڌ اڻانگو آ.
باهيون ٻاري ٻرهه اندر،
سوريندو هل پارڻ ٻَلُ.
عشق جو پنڌ اڻانگو آ.
پنڌ پري آ منزل ڏور،
ويهه نه ويندي هڪڙو پل.
عشق جو پنڌ اڻانگو آ.
عشق جي پنڌ ولايت جي،
يار عباسڻ ڪهڙي ڪَلَ.
عشق جو پنڌ اڻانگو آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهہ رات مليا پريات پرين،
عشق نمازون پڙهيون سين.
نينهن اندر ۾ نائي ويا،
جاڳائي جذبات پرين.
عشق نمازون پڙهيون سين.
قرب ۾ ڪڙجي قابو ٿيا،
آڌيءَ جو اڌ رات پرين.
عشق نمازون پڙهيون سين.
عشق جي يار عباسڻ هئي،
رات سڄي ڪا تات پرين.
عشق نمازون پڙهيون سن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڪلا وَڻجار ويا،
عشق جي معراج تي.
حال هن ۾ هٿ چڏي،
هو هٿان راهي ٿيا.
عشق جي معراج تي.
آجيان ٿيندي وڏي،
قرب جا پَرندا ڏيئا.
عشق جي معراج تي.
موڪلائي پيار سان،
سي عباسڻ پند پيا.
عشق جي معراج تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نينهن جو توسان ناتو يار،
منهنجا پرين پرديس نہ وڃجان.
پاڪ هي پوتر منهنجي ڌرتي،
منهنجي وطن جي هي وٽڪار.
منهنجا پرين پرديس نہ وڃجان.
منهنجي وطن جا ماڻهو منڙا،
منهنجي وطن جي مند ملهار.
منهنجا پرين پرديس نہ وڃجان.
پيرون پِپُون هي چاڳر چارا،
ٿر جا ٿِوهر لال لِيار.
منهنجا برين بردیس نہ وڃجان.
توسان انگ ازل جو آهي،
توسان دل جو بيوند پيار.
منهنجا پرين پرديس نہ وڃجان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو ايڏو پيار ڏسي،
جنت مون کان وسري وئي.
اهڙي ڪائي گهور هٽي وئين،
مون کي ڏاڍو يار وٽي وئين،
تنهنجو هي سينگار ڏسي.
جنت مون کان وسري وئي.
نيڻ ڪڪوريل تنهنجا ڪارا،
سنڌوءَ جا هن جڻ ته ڪنارا،
اهڙي نيڻ نهار ڏسي.
جنت مون کان وسري وئي.
نينهن عباسڻ لايو آهي،
جڻ ته وحي ڪو آيو آهي،
اهڙو قرب قرار ڏسي.
جنت مون کان وسري وئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـــورب ۾ تـــي چوتـــي آ،
مــنــد مــلــڻ جي مــوتــي آ،
آءُ پـريـن ڪـا رات رهـي وچ.

تـيـڙوءَ تـهـڪـا لايـاهـن،
پـوئـنـر پِٽُن تـــي آيـا هـــن،
پـت پـت پـاڳ پـروتـي آ.
آءُ پـريـن ڪـا رات رهـي وچ.

ڪُنـبـي ڪـتـونـيـا ڦـوڳَ ڦُٽـا،
چـنـــدن جهـــڙا چوڳ ڦُٽــا،
تـر جي سـونـهـن سـموتـي آ.
آءُ پـريـن ڪـا رات رهـي وچ.

يـار عــبــاســڻ تـر ونُـو آ،
سُهـڻـو ڪـو مـنـظـر ونُـو آ،
پـــوءِ پـــي پُورَ وچوتـــي آ.
آءُ پـريـن ڪـا رات رهـي وچ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهـــاڳيـــم جاڙ اُجاڙ الا،
ڪيڏا ڪشت ڪشالا پوڳيا.
انـــــدر انـــــدر آڳ اُلا آ،
ڪــامـــي ويـــو آ کـــاڙ الا.
ڪيڏا ڪشت ڪشالا پوڳيا.
ايـڏا ڏک انـدر ۾ سـانـديـا، . .
جيـــڏا پَٻ پـــهـــاڙ الا.
ڪيڏا ڪشت ڪشالا پوڳيا.
سور اسان وٽ سگهرا پهتا،
ڏيـــئـــي پـــيـــري آڙ الا.
ڪيڏا ڪشت ڪشالا پوڳيا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن ۾ لکيون وينديون،
اسان جي عشق جون ڳالهيون.

نئون ڪو رنگ لائيندِيون،
نون ڪي نينهن تائيندِيون،
نئون ڪو حوصلو ڏيندِيون.
اسان جي عشق جون ڳالهيون.

اسان جي عشق جون لاتون،
لڳيون جڻ برق جون شاتون،
وري ڪي ميل ميليندِيون.
اسان جي عشق جون ڳالهيون.

اسان جا پيرَ تي پيرا،
ڏهاڙي عرش تي ڦيرا،
عباسڻ روح ريليندِيون.
اسان جي عشق جون ڳالهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙي منهنجو دين ايمان،
سنڌوءَ ۾ آ ساهه اسان جو.
سنڌڙي منهنجي ممتا آهي،
سنڌو منهنجو نينهن نشان.
سنڌوءَ ۾ آ ساهه اسان جو.
واهه ڪڙيا ۽ تل ترايون،
تر ۽ ٿوهر ماڳ مڪان.
سنڌوءَ ۾ آ ساهه اسان جو.
سورن هاٿا ماڻهو سنڌ جا،
منهنجي گيتن جو عنوان،
سنڌوءَ ۾ آ ساهه اسان جو.
منهنجا منڙا موتي آءُ،
ٿيءُ عباسڻ جو مهمان.
سنڌوءَ ۾ آ ساهه اسان جو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي نـڪ پـڪـائـي ٿـي،
نيٺ تہ ٿيندي تنهنجي ڪول.

کهڙا ڪهڙا کيل ڪري وئين،
ڀورائي ۾ ڀيـل ڪري وئين،
ڪـيـڏي پـيـٽ ڀـرائـي ٿـي.
نيٺ تہ ٿيندي تنهنجي ڪول.

هـيـڏو ڙي درياهہ تـي ڏاڙو،
سنڌ سڄيءَ جي ساهہ تي ڏاڙو،
سـاري سـنـڌ سـڪـائـي ٿـي.
نيٺ تہ ٿيندي تنهنجي ڪول.

يـار عـبـاسـڻ جاڳيا آهـيـون،
ڀُونءِ سنڌيءَ جا ڀاڳيا آهيون،
جوڳين جوت جلائـي ٿـي.
نيٺ تہ ٿيندي تنهنجي ڪول.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ خاطر يار وڙهو،
ٻڌجي ڪا تلوار وڙهو،
جنت جهڙي سنڌ بچي.

ڌرتي پنهنجي، ڏنگ بچن،
واهڻ ويڙها، ونگ بچن،
ساوا ساوا سنگ بچن،
چوڙيليون ۽ چنگ بچن،
اکر پنهنجا انگ بچن،
هوشو ٿي هڪ وار وڙهو.
جنت جهڙي سنڌ بچي.

پنهنجو سنڌ سڌار بچي،
هاري شل حقدار بچي،
سونهن بچي سينگار بچي،
ديد بچي ديدار بچي،
نوري ڪاتب نهار بچي،
يار ڪري يلغار وڙهنو.
جنت جهڙي سنڌ بچي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊڙيءَ جو ڪلتار بچي،
ڏيهه بچي ڏاتار بچي،
پٽ ڏٺي سرڪار بچي،
شاعر ڪو فنڪار بچي،
پنهنجو ڪو ڪردار بچي،
هيڪر ۽ پيهار وڙهو.
جنت جهڙي سنڌ بچي.

يار عباسڻ ديس بچي،
پنهنجو لعل لبيس بچي،
گمبٽ جو ڪو ڪيس بچي،
گهوٽڪي خيرپور گيس بچي،
پاڻ وڏيرو رئيس بچي،
نڪري سڀ نروار وڙهو.
جنت جهڙي سنڌ بچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنھنجي دنگ درياھہ لئي،
پنھنجي گس ۽ گاھہ لئي،
تيندي ويڙھہ ھزار سال.

پنھنجي ٻنين ٻارن لئي،
ڇارن لال ليارن لئي،
سنڌؤ ڪنڌَ ڪنارن لئي،
پنھنجي ساھہ پساھہ لئي،
تيندي ويڙھہ ھزار سال.

پنھنجي ھن وٺڪار لئي،
تاڏل ۽ تڏڪار لئي،
سرنھن جي ڦولار لئي،
پنھنجي موھہ ۽ ماھہ لئي،
تيندي ويڙھہ ھزار سال.

پنھنجي ھوڏ ۽ ھستيءَ لئي،
تاڏل ۽ تڏڪار لئي،
سرنھن جي ڦولار لئي،
پنھنجي موھہ ۽ ماھہ لئي،
تيندي ويڙھہ ھزار سال.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هوڏ ۽ هستيءَ لئي،
پنهنجي موڄ ۽ مستيءَ لئي،
واهڻ واهڻ وستيءَ لئي،
پنهنجي چاري چاهه لئي.
تيندي ويڙهه هزار سال.

رات هي ڪاري ڪٽڻي آهي،
تنهنجي وحشت ٽٽڻي آهي،
جند عباسڻ ڇُٽڻي آهي،
پنهنجي رستي راهه لئي.
تيندي ويڙهه هزار سال.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق اڏيءَ تي عاشق ايندا،
عشق جا هوندا نعرا نعرا.

بندش وارا بند سمورا،
ٽوڙي اوندا اند سمورا،
ڪَنڌَ ڪُڌي ۽ ڪوري ڏيندا.
عشق جا هوندا نعرا نعرا.

عشق حسن جا هي پروانا،
دردن ماريا سپ ديوانا،
پِڙ تي بيهي پرزا ٿيندا.
عشق جا هوندا نعرا نعرا،

يار عباسڻ ميلا ٿيندا،
ڏور ويا سي ڏوٽي ايندا،
سانگيئڙا سپ سرچي ويندا.
عشق جا هوندا نعرا نعرا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولي ڳولي ماريندا لا،
عشق سندو الزام هٽي.
ماري ناٽو وتندا هو،
اندر پنهنجو تاريندا لا.
عشق سندو الزام هٽي.
گهاوَ ڏئي ايذاءَ ڏئي
ڏاڍ ڪري هو ڏاريندا لا.
عشق سندو الزام هٽي.
ظلم جا يار عباسڻ هُو،
ليڪا سي لتاڙيندا لا.
عشق سندو الزام هٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان حال اندر جا اوريندیس،
مون وٽ جڏهين ايندين يار.
ساموندي تي سُورَ ڏئي وَئين،
ساموندي سُر سوريندیس.
مون وٽ جڏهين ايندي يار.
پنهنجي اڱڻ جي آڳر تي مان
گهورون توتي گهوريندیس.
مون وٽ جڏهين ايندين يار.
توسان پنهنجون پيار ڪهاڻيون،
دل جي چنگ سان چوريندیس.
مون وٽ جڏهين ايندين يار.
هي ڪوٽ عباسڻ نفرت جا هن،
سڀ پيجي مان پوريندیس.
مون وٽ جڏهين ايندين يار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارا ڪارا ڪوهه،

سامهون سڄي سُڄَ آ.

ماٺهو جاتي مات تيا،

تا ڏڪن جا تي ڏوهه.

سامهون سڄي سڄ آ.

ڏاڍا ڏونگر ڏاڪڙا،

لِڳ ٻہ پنهنجا لوهه.

سامهون سڄي سُڄ آ.

آرهڙ آهي آڇپو،

کهڙا پارا پوهه

سامهون سڄي سُڄ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـج لتـو اونـداهـ،
لاڪـا سـيـئـي لـڪ ٿـيـا

ڏيـنـهـن تـتـي جـو ڏونـگـريـن،
پـڙڪـي پـڙڪـي بـاهـ،
لاڪـا سـيـئـي لـڪ ٿـيـا.

سـڪ سـڄـڻ ۽ سُور جي،
سـسـئـي ڪـي سـاجـاهـ،
لاڪـا سـيـئـي لـڪ ٿـيـا.

نـاهـي ڇـپـرَ ڇانـوَ ڪـا،
ويـجـهـي ڪـا وٽـراهـ،
لاڪـا سـيـئـي لـڪ ٿـيـا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــون ڏي آهـــي مُهـــاڙ الا،
مون تي ڪريو ڪا ماڙ الا.
آيــا پــنــڌ پــهــاڙ جا.
آيــا پــنــڌ پــهــاڙ جا.

آڏيءَ جوتـــــ اُٺـــي ويـــا،
پـــنــهــون پـــاڻ ونـــي ويـــا.
جت ڪـــري ويـــا جاڙ الا.
آيــا پــنــڌ پــهــاڙ جا.

آءُ ڪِليو پئي ڪيڪاريان،
پَڌر پـــٽ پـــهـــاريـــان.
ڪَيــئــون پــانــدن پــاڙ الا.
آيــا پــنــڌ پــهــاڙ جا.

ڏاڍ ڪـــري ڏيـــر ويـــا.
اُٺ اُٺـــاري ســـويـــر ويـــا.
ڏوبـــڻ ســـان تـــي ڏاڙ لا.
آيــا پــنــڌ پــهــاڙ جا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَت پــــــلاڻـــــي تــــوڏ،
رائـــــــو رُج چڏي ويـــــا.
تـــــارا چڙ آڪـــــاش ۾،
چمـڪـن ڪـرهـن ڪـوڏ.
رائـــــــو رُج چڏي ويـــــا.
جيـــجل جانـــب جت جي،
لـــڪ لـــهـــي تـــي لـــوڏ.
رائـــــــو رُج چڏي ويـــــا.
آءُ تـــہ وجڻـــي ڪـــيـــچ ڏي،
ڪـــهـــڙي هـــوتـــن هـــوڏ.
رائـــــــو رُج چڏي ويـــــا.
جت پـــــلاڻــــي تــــوڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريـن ڪاهـ وَيـڙا
اسـان هـت اڪـيـلا.
ويـا ڏئـي وڇوڙو،
چڪـي چاڪ پـيـڙا.
اسـان هـت اڪـيـلا.
وِسـامـي ويـا چڻ،
ڏيـاتـيـون ۽ ڏيـڙا.
اسـان هـت اڪـيـلا.
عـبـاسـڻ پـريـن مـون
جڏهـن ڏور تـيـڙا.
اسـان هـت اڪـيـلا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کِنوٽين کِجکا لايا،
تڙ تڙ ڳيرا ڳُٽڪن تا.
مند ملهاري عاشق مجنا،
عشق جي ڏانوڻ ڏايا.
تڙ تڙ ڳيرا ڳٽڪن تا.
موتين ڇَڻ ڇَڻ پؤنرن پون پون،
ڪيڏا رنگ رچايا.
تڙ تڙ ڳيرا ڳٽڪن تا.
سورُ اندر جا يار عباسڻ،
عاشق اورڻ آيا.
تڙ تڙ ڳيرا ڳٽڪن تا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشق ڪونہ مجيندا هار
عشق جي ڳالھہ اڳي اڳي
ڪُن فَيَڪُون ڪان اڳ هياسون
عشق ڳجهو آ ڪو اسرار
عشق جي ڳالھہ اڳي اڳي
عشق اسان جو قائم دائم
عشق نچائي ٿو نروار
عشق جي ڳالھہ اڳي اڳي
عشق سان مون هن لائون لڌيون
سِرَ جو سانگو لاهي يار
عشق جي ڳالھہ اڳي اڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جو ڪچ نہ تون پاڻي،
اسان هون عشق جا دريا.

اسان موکي اسان ساقي،
اسان جو عشق آفاقي
نہ رهندا فاصلا هاڻي.
اسان هون عشق جا دريا.

اسان ناتا نوان جوڙيا،
اسان عشقي جهندا کوڙيا،
تڏهن منزل اها ماڻي.
اسان هون عشق جا دريا.

حياتي هي سڄي ساري،
اسان جو آ سفر جاري،
عباسڻ سان سڄڻ ساٿي.
اسان هون عشق جا دريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ايندي ٻوڏ ڪا آنڌي،
اسانجا عرش تي ديرا
اسان جو عشق لافاني،
اسان وٽ حُبَ هيڪاندي،
اسانجا عرش تي ديرا.
اسان هون سر ڦريا عاشق،
پراڻا پيار جا پانڌي.
اسانجا عرش تي ديرا.
ملائڪ ڀي مِڙي ٿيندا،
عباسڻ جا اچي ڪانڌي.
اسان جا عرش تي ديرا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقيرن سان ڦٽائڻ ڇڏ،
فقيرن جي مٿي منزل.

فقيرن سان خدا راضي،
نہ ڪر جهيڙو ملان قاضي،
نہ فتوىٰ ڏي، نہ ڦاهي آڏِ.
فقيرن جي مٿي منزل.

فقيري فيض آ قدرت،
فقيري نياز آ نوڙت،
فقيرن سان اچي دل ڳڍ.
فقيرن جي مٿي منزل.

فقيري عشق جا نعرا،
ٿيا هرجاءِ سوپارا،
سيئي ساٿي عباسڻ سڏ.
فقيرن جي مٿي منزل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق تي فتوٰي ناهي ڪار
عــشــق شــريــعــت ڇا ڄاڻــي

عشقُ حُسن جي سونهن سُجاڻَ
عــشــق خدا آ پــنــهــنــجو پــاڻ
عــشــق جا اوڪــا پــنــڌ ۽ پــار
عــشــق شــريــعــت ڇا ڄاڻــي

عــشــق اســان جو لاڪــي لاٽَ
بــاهــہ جا شــعــلا ۽ پــڙڪــاٽَ
عشق جون رمزون روڳ هزار
عــشــق شــريــعــت ڇا ڄاڻــي

عــشــق تــہ آ مــنــصــوري مــام
ھَــوڏ عــبــاســڻ هــســتــي هــام
عــشــق نــعــرا هــن نــروار
عــشــق شــريــعــت ڇا ڄاڻــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا نيڻ شڪاري پئي،
ڇڙڪ اڏي ڦاسايو تئي،
لڪبو ناڻ شهيدن ۾.

نيڻن جا تو وار ڪيا،
ڪوڙ هزار شڪار ڪيا،
سونهن تي دلڙي هِرڪي پئي.
لڪبو ناڻ شهيدن ۾.

عشق جي چوٽ چپيٽ ۾ آيا،
جنت سان تن ڏانوڻ ڏايا،
ڪيڏي عشق اڏام ڪئي.
لڪبو ناڻ شهيدن ۾.

دنيا رام ڪهاڻي آ،
ڪنهن ڪنهن منزل ماڻي آ،
عمر عباسڻ عشق ۾ وئي.
لڪبو ناڻ شهيدن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـال مـلـهـايـون پـيـار جو،
واهـــڻ ويــڙهــا اُجڙي ويـــا،
راڄن ڏي ڪــو خيــرُ تــئــي،
خون نـہ ڪنهن جو ڪير ٿئي،
لاش نـــہ لــڙڪـــي ٻــار جو.
واهـــڻ ويــڙهــا اُجڙي ويـــا.
وَهـنـدِ نـہ ڪا ويـران ٿِـئـي.
شـهـر نـہ ڪـو سُنـسـان ٿـئي،
گـــذري ڏيــنـــهـــن قــرار جو.
واهـــڻ ويــڙهــا اُجڙي ويـــا.
گـيـت عـبـاسـڻ اهـڙا ڳـايـون،
نفـرت جو ڪـو ٻج ڪُٽيـايـون،
حـــال نـــہ آ ســـرڪـــار جو.
واهـــڻ ويــڙهــا اجڙي ويـــا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ هلي اڄ ڪرهل ڪاهي،
هتڙي تون هڪ وار الا.
سسئي آس ونديءَ ڙي.
هوت اچي مهمان تجان،
ٻانيڻ وٽ پيهار الا.
سسئي آس وندي ڙي.
ٻاجهه ڪجان تون ٻانيڻ تي،
آهي تو آذار الا.
سسئي آس وندي ڙي
او ڏوٻڻ شال سٽين تون،
هوتن جي هونگار الا.
سسئي آس وندي ڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ووڙي ووڙي واٽ،

لهنديس پير پنهونءَ جو.

آڏي رات اُٺـــــي ويـــــا،

ڪاهي ڪالهہ ڪَنواٽَ.

لهنديس پير پنهونءَ جو.

اونـدهــــ ۾ پـنـــڌ اوپـــرو،

پـــــوءِ پــــي اوچو ڳاٽ.

لهنديس پير پنهونءَ جو.

جهوري منهنجي جيءَ ۾،

چوڏس لاڪـــــــــي لاٽ.

لهنديس پير پنهونءَ جو.

ووڙي ووڙي واٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَوَ سَوَ ڀيرا مان قربان،
سُونهن ۾ تنهنجو نمبر آ.
جنت وارا تا شرمائن،
حورون سڀ ۽ هُو غلمان.
سونهن ۾ تنهنجو نمبر آ.
جڳ مجي تو توکي سارو،
تون آن سُهڻو کو سلطان.
سُونهن ۾ تنهنجو نمبر آ.
هڪ عباسڻ ناهي يارَ،
حُسن تنهنجي تي سڀ حيران.
سونهن ۾ تنهنجو نمبر آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـنـھـنـجو پـاڻ وڃائـي،
رب لـــڌو مــون ڳولـــي.
جوڳي تـــي ڳِرنـــاري،
در در بـــين وڄائـــي،
رب لـــڌو مــون ڳولـــي،
جھـــاڳي ســـاگـــر ســـارا،
ريـــتـــا رنـــگ رچائـــي،
رب لـــڌو مــون ڳولـــي.
راتـيـون ڏيـنـھـن عـبـاسـڻ
جاڳي هـــوڏ هـــلائـــي،
رب لـــڌو مــون ڳولـــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جي تــار مــلائـــن تــا،

عـــاشـــق روز الله ســـان.

اوتــي عــشــق انــدر ۾ ســي،

پــيــچ انــوكــا پــائــن تــا.

عـــاشـــق روز الله ســـان.

ڳالهيون ڳُجهہ اندر جون هُو،

ٻــولــن ۽ ٻــولائــن تــا.

عـــاشـــق روز الله ســـان.

سمنڊ جيڏي سڪ عباسڻ،

وايـــن ۾ ورجائـــن تـــا.

عـــاشـــق روز الله ســـان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامونديءَ ويندڙ يار،
عيد براد تي موٽي اچجان.

پَڳھہَ چوڙي يار وڃين ٿو،
منھنجي ڪابہ نہ منت مڃين ٿو،
اُتي ويو آچين قرار.
عيد براد تي موٽي اچجان.

سامونڊين جا سُور وڏا هن،
نينهن ڪيا ناسور وڏا هن،
جڻ تہ خزان ٿيو آهہ بھار.
عيد براد تي موٽي اچجان.

تنھنجي دل سان آجيان ٿيندي،
سڪ عباسڻ ساپيان ٿيندي،
صبح سانجهيءَ تنھنجي سار.
عيد براد تي موٽي اچجان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي نہ جھليو جيڏيون
آءٌ تہ ويندس ڪيچ ڏي.
جيڏا پنڌ پھاڙ جا،
اتم اميدون ايڏيون.
آءٌ ثہ ويندس ڪيچ ڏي.
ويندي هوت پنھل ڏي،
تيندون مونسان ڪيڏيون.
آءٌ تہ ويندس ڪيچ ڏي.
جيڏو عشق عباسڻ،
تانگھون آهن تيڏيون.
آءٌ سہ ويندس ڪيچ ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو جي هـــوت ويـــا،
وَر وَر پــيـــئـــي ووڙيـــان.
پــيــئـــي رات پـــهـــاڙ ۾،
ڏونـــگـــر ســـپ ڏيـــا.
وَر وَر پــيـــئـــي ووڙيـــان.
رائـــي کـــي پـئـي ريـلـيـان،
هُو لـــڪـــن مـنـجهـہ لـڙيـا.
وَر وَر پــيـــئـــي ووڙيـــان.
آءُ عـــبـــاســـڻ نـــنـــڊ ۾،
هـــو ڪـــهـــڙي تـــاڪ تـــيـــا.
وَر وَر پــيـــئـــي ووڙيـــان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪــــيـــــڏا ڏک ۾ ڏاڪـــــڙا
ڪـيــڏو پـنــڌ آ ڪـيــچ جو
آڏيءَ رات اُٿـــــــي ويـــــــا
پــائـــي هــلــيــا پــاڪـــڙا
ڪـيــڏو پـنــڌ آ ڪـيــچ جو
جانـــــي جت چڙهـــــي ويـــا
ڪـــــونـــــتـــــل اُٺَ جڙا
ڪـيــڏو پـنــڌِ آ ڪـيــڌ جو
مَيـــــا وجن مـــــــاٺ ۾
وڄن ڪـــــــــــــين چڙا
ڪـيــڏو پـنــڌ آ ڪـيــچ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت ڪري ويا جاڙ،
رهنديس ڪين ڀنڀور ۾.
پاڻي ناهي پاڻ سان،
آڏو ڀنڊ پهاڙ.
رهنديس ڪين ڀنڀور ۾.
هوتن ڏانهن نه هيڪڙي،
مون ڏي سڀ مُهاڙ.
رهنديس ڪين ڀنڀور ۾.
ووڙي جبل وَتِ سان،
ڏينديس پيري آڙ.
رهنديس ڪين ڀنڀور ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کـــــيـــــــڏي جتن جوڙ
رات رولـــــي ويـــا رڻ ۾
جيـــــجل ڏنـــــي ڏاج ۾
جبـــــل جي جاکـــــوڙ
رات رولـــــي ويـــا رڻ ۾
ڏونـــگـــر ويـــنـــي ڏوريـــان
پـــهـــتـــا کـــيـــچي تـــوڙ
رات رولـــــي ويـــا رڻ ۾
ســـک عـبـاسـڻ سـمـونـڊ آ
ســـور بـــہ پـــوڙان پـــوڙ
رات رولـــــي ويـــا رڻ ۾
کـــــيـــــــڏي جتن جوڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُوربَ جي ڪا لاٽ لهي
تڙ جي اُجَ اُساٽَ لهي
مو وٽ تڏهين اچجان يار

ترهِ ڪو تڏڪار نه آ
واهيرن وٽڪار نه آ
پيونرن جي پٽڪار نه آ
پاپيهن پُوساٽَ لهي
مون وٽ تڏهين اچجان يار

تترن ڪا به تنوار نه آ
ڳيرن جي ڳُٽڪار نه آ
ڪرهن ڪا به قطار نه آ
ڪُڏندو اُٺُ ڪنواٽُ لهي.
مون وٽ تڏهين اچجان يار

ڏؤنرن جو ڪو ڏار نه آ
جاڳرَ چارو چارَ نه آ
ڪُونيتَ ڦوڳَ ڦلار نه آ
پاتي ڪا ٻڙباٽَ لهي
مون وٽ تڏهين اچجان يار

يار عباسڻ ڏُڪر ويندو
سنڌ سٺائو سُڪر تيندو
سُڪُ سنگهارن موٽي ايندو
ڪنوٽين جي ڪجڪاٽَ لهي
مون وٽ تڏهين اچجان يار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽَر ٽَر ٽـــڏڙا مـــيـــنـــهـــڙا،
جڏهـــين وســـنـــدا يـــار.
تـــڏهـــين مـــلـــنـــداســـون.
روهـــيـــڙي جا گـــل رتـــا،
ٽيـنـڌا مـيـنـگهـ مـلـهـار.
تـــڏهـــين مـــلـــنـــداســـون.
ڪـــــائِرَ پـــــائِرَ جُوءِ ۾،
ڪِنـــوٽـــين جا ڪِجڪـــار.
تـــڏهـــين مـــلـــنـــداســـون.
مـــلـــنـــدو مـــارن آجيـــو،
ڪـــڙنـــدا ڪـــتـــٽـــهـــار.
تـــڏهـــين مـــلـــنـــداســـون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا عشق برباد ڪي ئي گهراڻا.

وڃائي عقل هوش وينا سياڻا.

زليخا، ڪي شيرين فرهاد ٻڌيا،

ٻڌيا ڪي تہ مجنا، ڪي ٻي داد ٻڌيا،

ڪيا حال بالي ۽ لئي [illegible] نماڻا،

وڃائي عقل هوش وينا سياڻا.

چڙهي ڏاگهہ مومل ڀئي سسئي ڪشالي،

ٻڏي سير سهڻي، ٿي لهرن حوالي،

ڪيا عشق هاڃا مٺا راڄ راڻا،

وڃائي عقل هوش وينا سياڻا.

چنيسر ۽ ليلان ٻئي سور سارو،

تماچي ويو ٿي مڇيرو مڇارو،

اسان ڀي عباسڻ پرينءَ در وڪاڻا،

وڃائي عقل هوش وينا سياڻا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـون نـيـڻـن جا نـہ ھـڻ نـشـتـر
تنھنجونِ ديدون يار دوناليون ھن

عـــشـــق جا قـــت انـــدر ۾ ھـــن
گـھـاوَ ڪـري ويـا دل ۾ گـھـر
تنھنجون ديدون يار دوناليون ھن

اکڙيون تنھنجون ھن البيليون
نـيـنـھـنِ لـڳـي ويـو پـھـريـن نـظـر
تنھنجون ديدون يار دوناليون ھن

عـشـق جو پـنـڌ ڏکـيـو آھـي
عـــشـــق عـــبـــاســـڻ آھـــي امـــر
تنھنجون ديدون يار دوناليون ھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طُورَ تي جڻ نُور جون لاٽون ٻَريون،
منهنجو پرين آهي ائين.

ميـــر نــازڻ ســـپ مــــڏي،
تختُ ۽ تـــــؤنـــــري تــــڏي،
ســونــهــن تـــي گـــهــوري چڏي،
عشق ۾ دلڙيون تيون ڪي ٿي چريون.
منهنجو پرين آهي ائين.

جيءَ زلـــيـــخا جو جُهـــريـــو،
هــانــوُ هــو ڪــنــهــنـجو هُريــو،
جڻ تــــه ٻــيــلــو ڪـــو ٻُريـــو،
يوسف ڏسي هٿڙن مٿان هليون ڇُريون.
منهنجو پرين آهي ائين.

اکـــڙيـــون عـــبـــاســـڻ جون اڙيـــون،
جيءَ ڪــنــهــنـــجي ســـان جڙيـــون،
اڄ تــــه گـــهـــاريـــون ڪـــي گـــهــڙيـــون،
عشق جون ڳالهيون وڏيون آهن ڳريون.
منهنجو پرين آهي ائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسماعيل ڪاتيءَ جنهن نہ ڪنو
سا ڪاتي حسين کي ڪيئن کهندي
ڳول ڳجهو اسرار هي ڳول

ڪنهن هو ڪنهن تي ڪات هلايو
جنت مان ڪيئن! دنبو آيو
هوڏي ڪُسي ويو سارو کهول
ڳول ڳجهو اسرار هي ڳول

روهن تي آ، ڪوهن تي آ
دوهن تي ۽ نوحن تي آ
اڄ بي ماتم جو ماحول
ڳول ڳجهو اسرار هي ڳول

صديون گذريون سال کي گذريا
حال هي جڻ ناتال کي گذريا
ڳالهہ عباسڻ تول پتول
ڳول ڳجهو اسرار هي ڳول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي نيڻن منجهہ نهاري،
چڙهيا آهيون چوٽ نظاري.

عشق جون راڙيون راڳي رڙڪا،
ٻيلي ۾ جڻ ٻاهيون ڀڙڪا.
عشق چڏيا هن ٻارڻ ٻاري،
چڙهيا آهيون چوٽ نظاري.

عشق جا رستا رند اٽانگا،
پانڌيئڙن جا پند اٽانگا.
ڏونگر، صحرا سڀ اڪاري،
چڙهيا آهيون چوٽ نظاري

ڪنهن طُور وجي هو نور ڏٺو،
مون يار هتي ڀرپور ڏٺو.
يارِ عباسڻ نينهن نياري،
چڙهيا آهيون چوٽ نظاري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غـزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڳالهه ڳُڻ جي تا ڳائن تڙَن تي،
وڏي ويڙهه تيندي دنگن ۽ دڙن تي.
صدائون سِرن جون هوائن ۾ آهن،
وري اج گهڙولي تا ڳائن گهڙن تي.
مچي ويندي بيگهي، تتي ونديون ڪڙيون،
وري هو جمالا پتن ۽ پِڙَن تي.
وري تيندو مڪلي مياڻيءَ تي ماهو،
وري موج مستي چنگن تي، چڙن تي.
عباسڻ هي لچڪي وَيندا لوهه سارا،
اِجهو ماڙ مارا تي ڪلفن ڪڙن تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا رَند ريتا اسان ڪالهہ جيڪي،
سي ڪِن تا اسان جي پنڌن جون پڇائون.
وري سنڌ تي ڪو ڏکيو وقت آيو،
هنڌين ماڳين ٻُڌجن سرن جون صدائون.
وري گهل.چڙهڻ جي تي پا پور پڌجي.
وري پاڪڙا ڪالهہَ وَهتن وِڏائون،
ڪي جبلن ۾ ڪن ڦاڙ جوڳي تا ٻُڌجن.
نہ ڪي تن ڪي مرليون نہ بگريون بلائون،
اُهي نانگ نيلا تليهر وسيهر.
وِڇهي وات پنهنجي سي رڙڪي چڏيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بارود بڻبا تڏا ساهہ پنهنجا،
تڏا ڪونہ ٿيندا هي آڙاهہ پنهنجا.
ڏئي ساهہ سڪ عشق الفت پچاريم،
بهرحال رکيا هي ويساهہ پنهنجا.
لُلر، پوهہ، لوڙڪ، ڪتونيا ۽ ڪونيٽ،
ڏئي سر بچايون گسن گاهہ پنهنجا.
اسان جي آ هر شيءِ ۽ هر انچ پنهنجو،
هي درياهہ، ڪڙيا، ڪسيون واهہ پنهنجا.
لوا، ڪرڙ، ڪنڊيون، ٻٻر، ٻير، ٻيريون،
ڪبڙ، ٻڙ ۽ ٻاهڻ پٽن پاهہ پنهنجا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان گهور توتان سجڻ سو دفعاهون،
اسان قرب ۾ هون ڪسڻ وارا ماڻهو.
اسان پيار جا يار هيراڪ پيارا،
اسان نينهن ۾ هون نچڻ وارا ماڻهو
اسان جي اندر ۾ ته ڪورا پرن ٿا،
اسان هون پَچڻ ۾ پَچڻ وارا ماڻهو.
اسان هون قلندر، ڪونهي غير ڪنهن لئِ،
دعا دشمن کي ڪرڻ وارا ماڻهو.
عباسڻ پرين شال پرتل هجن سڀ،
اسان ڪونه ڪنهن سان رُسڻ وارا ماڻهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مند ملڻ جي موٽي يار،
هيل ٻه اڻيا وار.
اکڙين ۾ ڀي پاڻي ڪونهي،
نيڻ سڪي ويا سڀئي نار.
دل جي ڪنائي تار چڙي آ،
پنڌ پڇائي تنهنجا پار.
ڪنول من جا ويا ڪومائي،
ڦوڳ ڦُٽا ڪاٽي نه ڦولار
اڄ ڀي نظرون ڀو رب پاسي،
نيٺ ته وسندي ٻُوند بهار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ پــــريـــــن تـــــون قـــــرب كـــــري،
كـــكـــــرن جا ڏيـــانءِ جهـــــول پـــــري.
پـــــورب لاٿـــــون لاتـــيـــــون هـــــن،
پِٽَ پِٽَ تـــــي ٿـــــو چنـــــگ چري.
تَنـــهــــنـــجي اڇڻ جي رســـــتن تــــي،
مـــنـــهـــنـــجي ڏل جو تـــيـــل ڀـــري.
ديـــــپـــــڪ راڳ کـــــو ڳائـــــي ٿـــــو،
ســـــائـــــل چڻ سِرُ گـــــهـــــري.
گـــهـــاءُ عـــبـــاســـڻ گـــهـــرو آ،
هـــرڪـــو پـــنـــهـــنـــجي ڏيـــهـــه وري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي سنڌ آ اڄ اشارا اشارا،
رڳو رت جي ڌارا ڪنڌيون هي ڪنارا.
اسان جا هتي هن پٽر پير چارا،
مياٽيون هي مڪڙيون مڏيون موهہ مارا.
چلر چت نہ هتڙي، نہ موريون، نہ ڏنيڙا،
نہ گهانگهٽ، نہ گوجون گهنگهر تيا گذارا.
مُهاڻن جا منچر متان لاش لڙڪن،
ڏڪايل ڏڄهايل پڌر پٽ هي سارا.
ڪنارن سان ڪٽيون نہ گندرن جون گنديون،
اُپاٽيل اُپاٽيل نظر ۾ نظارا.
نہ ڪي چيٽ آيا، نہ سرهون ڦلاريون،
عباسڻ ڪڏهن نينٽ ورندا تہ وارا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِڏي ديد ڪيڏي تو پڏرن پٽن تي،
وري لوڻ برڪين تو منهنجي ڦٽن تي.
وَڏين تو تون چِپرا ٿي منهنجي چمن ڏي،
چڙهن جڻ تہ ڪوليون ٿيون منهنجي بدن تي.
نئين رنگ ڍنگ سان قهر تون ڪرين ٿو،
پَلوَ پاند توسان دنگن تي دڙن تي.
وري گهوٽ گهوڙن، چڙهيا هن سويرا،
وڏو تيندو دنگل پِٽن تي پِڙَن تي.
وري تيندي توسان ڪڏهن هڪ هڪاٽي،
تکي تاڙ منهنجي آ گهاتن گهٽن تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري مــون کــي شــربــت ٿـا ٻـاڙا لـڳن،
وري ڏَٿَ ٻَـٽــن تــي ٿـا ڏاڙا لـــڳن.
وري رات ريـتـي کـا بـرسـات پـئـي آ،
کـمـيـنن جا پـيـرا ٿـا ٻَٽَ تـي لـڳن.
کـهـاڙيـن تـي کـهـڙيـون مـيـارون ڏجن،
اسـان جون تـه پـاڙون هـي ڳَنَ ٿـا وڍن.
ڏسـون ٿـا تـه جڳ سـارو جاڳـي پـيـو،
مـگـر نـيـڻ تـنـهـنـجا نـنـڊاکـا لـڳن.
نـئـين سـج نـوان سـور سـرجي پـيـا،
پـڏيـون کـونـه پـنـيـون پـراڻـن ڦـٽـن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميگهہ ملهارون اوتر ٺر تي،
بادل برسن پوڏيسر تي.
ڪڪر هوا ۾ ڊيلون ڊٻ تي،
سانءِ تري جيئن منچر تي.
اوهيڙن جون اوڪون موڪون،
موتين چڻ چڻ گهر گهر تي،
چوڏس چوڏس آ گم آگم،
چوٽي چوٽي اوپر تي.
پِٽ پِٽ چوٽي مور ٽهوڪون،
اک آ ان جي اوٿر تبي.
واءُ وڏيءَ تي واريءَ جهومر،
ڪنوڻ ڪنوي ٿي گوڙ اتر تي.
ڦوڳ نچي ٿو ڪونيت جهومي،
چوهو وائي ورَ ورَ تي.
گهنگهور گهٽا مهراڻي تي،
ءِ ڪنوٽين ڪجڪا ڪائر تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري اڄ ڏسون ٿا ڪي گهوڙا گهٽن تي،
وري لاش تڙپن پيا ٿا پٽن تي.
پوي شڪ ٿو ڪونڌر وري ڪاتِ ٿيندا،
نوازش ڏسون ٿا هي پانن پٽن تي.
اها وَٽُ مهانگي ملي ڪنهن ڪي پاڳين،
رکيل هيج هوندو نه آهي هٽن تي.
ٻٽيا يار رُتبن جا صاحب اهي هن،
لڪيل جن جا نالا نه آهن وٽن تي.
نوان مَٽَ مڌ جا عباسڻ ٿو اُپٽي،
متارن جون پِيهون وري مَڌَ مٽن تي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري اڄ چون ٿا تہ مند ڪا مٿي آ
وري اڄ ڪا موڪيءَ پُراڻي پَٿي آ
مُتارن جون آهن بٺيءَ وٽ ٻَهِيزون
وري تن جي چپَ تي مَٿيءَ تي مَٿي آ
چون ٿا تہ جيڪي بہ پي ويا سي جي ويا
پين جو جيئڻ ٿيو اٿي تي چَٽي آ
تڏهن هن دنيا جون اکيون مسَ پٽيون هن
اسان رات ڪاري اکين تي ڪٽي آ
وري اڄ هي ڌرتي ڏُڌي وئي لڌي وئي
وري لوڙهہ اڄ ڪنهن ڳلهنگ جي ڳتي آ
ڪئي ڪالهہ دشمن سان ڪنهن هڪ هڪاٽي
اسان جنگ عباسڻ لهو ڌئي ڪتي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب لـــــذو مــــون راتْ لــــطــــيـــف،
پـــرهـــ قـــتـــي پـــريــات لــطــيـــف.
پــيـــت بـــســنـــدوءَ مـــان ريـــت اڏاڻـــي،
رت جي هـبـتـــي بـــرســـات لــطــيــف.
واءُ اتـــــر كـــــان ڏاڍو اپـــــڙيــــو،
چوڏس هـــئـــي هـــيــهـــات لــطـــيـــف.
سـنـڌ سـان سـيـد كـنـهـن بـہ نـہ پـولـي،
ٻـاهـــ ســـواءِ ٻـــي ٻـــات لـــطـــيـــف.
وانـــديـــون وســـنـــديـــون بـــرپـــت ٻُـٽ ٽـيـنـا،
هــــاءِ هـــاءِ چا حـــالات لـــطــــيـــف.
جاڏي كــــاڏي اونـــــدهـــــ ازلــــي،
ظـــالـــم كـــئـــي ظـــلـــمـــات لــطــيـــف.
نـــازك نـــاريءَ كـــي كَـنـــهـــن،
ڪُڪ پر تــوكـــيـــو كـــات لـــطـــيـــف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عُمر! قيد ڪئي تو هتي تر جي ڄائي،
نہ مان هوند ڄائي نہ لوئي لڄائي.
ڏسي مون اڪيلي ڪنيون ڪوهہ تان تو،
وئي ڪوٽ ڪَڙجي هيءَ ڄارن جي ڄائي.
پري ماڳ مارون پري ٿاڪ ٿر جو،
سندي لڄ لوئي مون روئي پسائي.
ڏسون ڪير اڄ تو هي ميدان ماري،
عمرڪوٽ جو تون تہ مان ٿر جي ڄائي.
اِها لڄ جي لوئي اَباڻن آ اوڍي،
عباسڻ اِها آ پلُرَ ۾ پسائي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳـڏيون ڪـونـہ ڳس ۾ ڪـي ڪـونـڌن قطارون،
نــہ تــنــبــيــون تــرارون، نــہ ڦــهــري ڪَـٿــارون.
مُـڙيــون ڪــونــہ ھــيــڏي مَيَن جون مَهــارون،
نہ ڪـي جَهنگ جهونگارن نـہ ڪـي تڙ تنوارون.
رڳو روڄ راڙو رڳو اوچنــــــــــــگــــــــــارون،
نـہ ڪـي خيـرَ خبرون، نـہ ڪـي چاھـہ چارون.
خزائــون نــہ بــدلــيــون، نــہ آيــون بَهــارون،
اُجايــل اُجايــل ھــي نــظــرون نــهــارون.
پــيــل قــيــد پــيجري پــڪــي ۽ پــچارون،
اسـان ڪـي عــبــاسـڻ سـدا سـنــڌ سـارون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري تـــوڏ تـــاســـا تـــو تـــڙه تـــان تـــڙيـــا،
وري ڪـــان قـــهـــري تـــو جنـــد ۾ جڙيـــا.
اســـان جو مـــســـلـــســـل ســـفـــر آ پـــريـــن،
لـــڪـــين چنـــڊ چڙهـــيـــا ۽ لـــڪـــين ســـج لـــڙيـــا.
چون تـــا تـــه تـــر تـــي وُتـــو مـــيـــنـــهـــن آ،
هُيـــا مـــنـــهـــنـــجي ڳل تـــان ڳجـــي ڳوڙهـــا ڳڙيـــا.
اســـان پـــارتـــن ڪـــي اُڪـــاري ڇڏيـــو،
پـــيـــا ســـام جيـــڪـــي بـــه اوڪـــيءَ اڙيـــا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـــــونءَ پـــــلاري پــــاڳ نـــــرالا،
ســـرنـــهـــن سُرهـــا ســـاڳ نـــرالا،
چونـــي چونـــي چنـــد قـــطـــارون،
چوڙيـــلـــن جا چاڳ نـــــرالا.
انـــگـــيـــون انـــگـــيـــون انـــدلـــث جهـــڙيـــون،
ڪـــهـــنـــبن جا ڪـــتـــراڳ نـــزالا.
راڳي داڳي ورن نـــــئـــــون آ،
ويـــــراڳين ويـــــراڳ نـــــرالا.
اڪـــڙيـــون اڪـــڙيـــون مـــيـــگـــهـــ مـــلـــهـــارون،
وار اُهـــــي چڙُواڳ نـــــرالا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتي ڳجهارت جيان پو پرولي،
ملي ڏاج ۾ آ ڏکن جي ته ڏولي.
صديون سال گذريا انگين ها اگهاڙا،
نه پوتي پرت جي، نه کا چاهه چولي.
اسان جي اکين ۾ آ بارود پريل،
بڻي بم بندوقون، جا بولي مون بولي.
تپيا راج راڻا وڃي قيد کاتي،
بڻي پٽ جي راڻي، جا گولن جي گولي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوصلي ۽ جوش جذبي سان هلو،
فاصلا ۽ پنڌ هي وينداڪُٽي.
علم جون ۽ عقل جون ڏياتيون ڪٺو،
ظلم جا زنجير سڀ ويندا ٽٽي.
سنڌ جي دردن سندو دارون ڪريو،
هي پراڻا زخم هن ويندا ڇُٽي.
ڏادلي هتڙ سنڌ جي درياهه لئبي،
رَتُ وَهندو گهور ٿيندي هر گهٽي.
ڪُونڌرن جا ڪنڌَ هيءَ پوندا قبول،
ٿيندي آجي سنڌ ماتر جي مٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنــي لال منـهـنـجي جڏهــن تـو لـنـگـوٽـي،
تـہ سـمـجـهـي وجين هـا تـہ ايـنـدو نـہ مـوٽـي.
حــيــاتــي نــہ آهــي ڪــا ٻُهــڻَ جي پــروٽــي،
جيــاپــو آ جاڏي هــمــالــيــي جي چوٽــي.
ســنــڌو جو ســڪــي ويــو قــيــامــت نــہ آئــي!
ڦڪيا ڪنهن نہ ڦوٽا نہ ڪنگريءَ ڪلوٽي:
ساڻ
ســبــي ســاهــہ ســنــڌ، مــون آ چِڏي چڻ،
ورائـــي وَ روٽـــي هـــي اِڪـــرن جي اوٽـــي.
ڪَڪَرَ ڪــالــهــہ لاٿــيــون پــٽــين لال لاٿــون،
هــي مــيــنــهــن آ مُڏائــتــو ڪــنــوڻ نــاهــہ ڪــوٽــي.
٭



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانگن سا آ منهنجو ناتو،
سمجهيو مونکي آهي چا تو.
موتڻ مون لاءِ آهي مِٺو،
پُرجهي پير مان پڙ ۾ پاتو.
ڪار ڪندين تون مون سان ڪهڙي،
جائي چم ڪان مون آ چاتو.
منهنجي اک ۾ ڪاريهر ڏس،
ڪجهه ڪرڻ لاءِ آهيان آتو.
منهنجي هٿ ۾ لوڙهه ڏسي پو،
پولين تڏهين تون ٿو پاتو.
مان تہ چوان ٿو سنڌ ڇڏي وڃ،
تنهنجي پيءُ جو ناهي ڪاتو.
ورنہ خنجر جي ڌار ڏسي ڇڏ،
روهيءَ تي مون رات آ لاتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ڪان وڌ آ تنهنجو چهرو،
پهرين گهور جو گهايل آهيان.
تنهنجي قرب خلوص جو قيدي،
تنهنجي ڏانوڻ ڏايل آهيان.
هيڏيءَ دنيا منجهه اڪيلو،
ميلي منجهه وڃايل آهيان.
سمنڊ دنيا جا هڪڙي سُرڪي،
ازلي چڻ تہ اجايل آهيان.
جنهن جي در تي جهول جهليوتم،
تنهن جي پُورَ پڇاڙيل آهيان.
جنهن جي ديد لاءِ اتن تو تانگهي،
ان جي سڪ سڪايل آهيان.
گيت غزل آ تنهنجي نالي،
تنهنجي لونءَ لتاڙيل آهيان.
جن جو ناهہ ڪنارو ڪوئي،
تن جو سيرو ساحل آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماري تنهنجو تو سوداءُ،
يار هلي تون هاڻي آءُ،
مون وٽ پيرون لال ليار،
ڏارن موڙي ڏيتلهون کاءُ.
ڪيڏي تنهنجي سونهن آ منتڙا،
ڪيڏو تنهنجو جيءَ جڙاءُ.
ميخاني تي ماڪ نہ پئي آ،
گهٽَ گهٽَ گُهٽڪو چڙ ڪو گهاءُ.
ڏينهن تو ڏاڍا لاتا سائين،
اڄ اسان ڪر پرچاءُ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري آهي روهن ۽ ڪوهن تي ماتم،
وري ڪونج وڇڙي ولر کان وڳر کان.
گلن تي تا ڏسجن ڦڙا ماڪ جا اڄ،
وڇوڙي جا ماريل رنا ڏک ڏمر کان.
وڏي ويد ڪئي آ وڏي جاڙ ڪئي آ،
هئي ڪالهه اُپڙي جا آنڌي اتر کان.
وري تر تي ڪلهه ڪا اَبَرَ اوڪ ڪئي آ،
نتو ساهه پلجي پَتن جي پلر کان.
ڏتم چيچ مارن جو چيڏڪ پِتن تي،
وري ڪالهه موتين جي چڻ چڻ چَمر کان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان پيار ۾ آهيون پختا پڪا
اسان جي سڄڻ سان سنگت آ سچي
اسان جي اندر ۾ خزانا لڪل
ڪئي سون ڪڏهن ڪانہ ڪنهنجي ڪچي
اسان ڪونہ ڪنهن جو ڪنيو رنج آ
وياسُون بٺيءَ جيئن پيارا پچي
وري ڪو تماچي تہ ايندو ڪڏهن
وري ويندو ڪينجهر تي ميڙو مچي
اسان هُون عباسڻ سموندڻ جيان
اسان آهي دلبر نيايو نچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪروڙن لکن ۽ هزارن ۾ سهڻو،
خدا جي خدائي نظارن ۾ سهڻو.
ڪتابن نصابن ۾ تعريف لائق،
حَسينن جي اڻ ڳُڻ قطارن ۾ سهڻو.
نہ حُورون، نہ غلمان جنهن جي مقابل،
خوابن خيالن خمارن ۾ سهڻو.
مجي جڳُ سچو منهنجي محبوب کي ٿو،
سڄي عرش جي آستانن ۾ سهڻو.
عباسَ تي بيشڪ عنايت وڏي آ،
پرين سڀني آرن ۽ پارن ۾ سهڻو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي تنهنجو پيار مليو آ،
ڏاڍو قرب قرار مليو آ.
ڏاڍا ڀاڳ ڀليرا آهن،
يارن جو کو يار مليو آ.
جڻ کا دنيا پاڪر ۾ آ،
جڻ کو هيرن هار مليو آ.
مٽ مثال نہ تنهنجو ڪوئي،
اونهون کو اسرار مليو آ.
عشق ۾ يار عباسڻ مونکي،
اندر جو اظهار مليو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا آهن ٻر ٻول،
جن کي آهن رنگ رتول.
آهن پيرون پُسيون پاند،
جن کي هيرا موتي جهول.
چوڌس ڏاڍو ڪيس قهر آ،
جاڏي ڪاڏي جن ٻرتول.
هر ڪو ماڻهو تيان تيان،
ڏيهه سڄي ۾ آهي ڏول.
رنگ اُپاتيل آهن ماڻهو،
مُنڌل مُنڌل آ ماحول.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عُمر ساري رَتُ ۾ آ گذري اسان جي،
تڏهن هن دنيا جا هي سرجيا سويرا.
ڏناسون جڏهن ڳچ ڳچين جا اسان،
تڏهن سچ جا اڄ تا هي ڦڙڪن ڦريرا.
جڏهن سونهن سچ لاءِ ولاڙيون ڏنيون سون،
تڏهن يار جهر جهنگ هي ڳتڪن تا ڳيرا.
سَمُنَ ۽ امن سان متيا سات پنهنجا،
گهمن تا گسن تي اڙل هي وڇيرا.
وڏيءَ ويڙهه ڪانپوءِ وجي يونءِ پِينا،
ڪندا رهنمائي پٽن تي هي پيرا.
دڙي دشمن جي وري دڦ تي ويندي،
اِجهو چاڻ پهتا نديرا وڏيرا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تو اڳيان ڏاڍا ڪمزور آهيون،
پرين پيار جي تون سخاوت ڪندو ڪر.
نہ تہ سامهون چئي سگهون يار توکي،
اسان سان سچڻ ڪا رعايت ڪندو ڪر.
اسان عشق تنهنجي ۾ ونگجي وياهون،
اسيرن جي اک جي شناخت ڪندو ڪر.
اسان تنهنجا آهيون ٻڌا يار ٻانها،
اسان ۾ نہ پيارا تفاوت ڪندو ڪر.
عباسڻ اکيون واٽ تي هن وڇايون،
اسان وٽ اچڻ جي عنايت ڪندو ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ لڪي شرمائي ٿو
تنهنجي حسن جو آهي هُل
جُڳ سڄي ۾ منهنجا جاني
تنهنجو ڪونهي ڪوئي مُلهه
مُشڪُ عَنبرُ تنهنجو پسينو
اکڙيون تنهنجو نيلَ ڪنولُ
پينو هرڪو پنج ڪٽيءَ جو
ڪونهي سر جو ڪو سائل
تولئه سائين حاضر آ
منهنجي دل جو تاج محل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کان مُور نہ وسرين تو،
مون وٽ منتڙا ايندو ڪر.
توبن منهنجي ڪانہ سري،
پل پل ايندو ويندو ڪر.
پنهنجي گنج خدا جي مان،
سُرڪي مُرڪي ڏيندو ڪر.
تنهنجو وڇوڙو ماري تو،
پيرو ڪوتہ پريندو ڪر.
مان تہ پيارا تنهنجو هان،
تون بہ تہ منهنجو ٿيندو ڪر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُسن جي حملن جي زخمين سان متا،
بڻجي مرهم تون ملڻ ايندو تہ ڪر.
هي مريضِ عشق آ اي دلربنا،
سُور سالن جا سٽڻ ايندو تہ ڪر.
حال چا آهن تيا منهنجا هتي،
ڪجهہ دلاسا تون ڏيڻ ايندو تہ ڪر.
منهنجي دل جا تا زخم گهرا تين،
پيار جون پٽيون رکڻ ايندو تہ ڪر.
دلربا ساٿيهہ وانگي ياد تون،
يار پيرو ڪو پرڻ ايندو تہ ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان يار توسان نڀائڻ سگهيو آ،
اسان سان مگر تو ڦٽائڻ سگهيو آ.
اسان کي سڄڻ تون سدا ياد آهين،
اسان کي پرين تو ڀلائڻ سگهيو آ.
ڏکايل هي دلڙي آ ويتر پرين تون،
ڏکيءَ دل کي ڏاڍو ڏکائڻ سگهيو آ.
هلي آءُ هاڻي ڇڏي رنج رُسامون،
اسان تخت دل جو سجائڻ سگهيو آ.
اچي مل عباسڻ سان منهنجا متا تون،
ستايل کي ڇو تو ستائڻ سگهيو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق جي اظهار تي بندش نه هڻ،
سونهن جي سنسار تي بندش نه هڻ.
ڏي چڏي هو واس ٿورو پل وڻن،
پوپٽن جي پيار تي بندش نه هڻ.
قيد مونکي ڪر پلي پيارا مگر،
ديد ۽ ديدار تي بندش نه هڻ.
راڳ ۽ ويراڳ هي قائم هجي،
ساز ۽ سُر تار تي بندش نه هڻ.
واٽ ويندن جا نه رستا روڪ تون،
هن عباس يار تي بندش نه هڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا اڄ گهلي ٿي هنئين نار ترجي،
اباڻي طرف جي اگوندر اتر جي،
پئي ڪونه پاڻي ٿي شاهي محل جو،
هي تاسي تڙن جي پياسي پلر جي.
وري شال چيلن سندي چانگ چاريان،
ٻڌان ٻيڪ هيڪر اباڻي ٻڪر جي.
ڪڏي چڏ اسان کي عمر ڪوٽ مان اڄ،
عمر آهه وڙهندءِ اسان جي اندر جي.
وري ڪالهه پيرون پپون ياد آيا،
لڳي توڙ تن کي وڳر جي ولر جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارا پارا آهي پوهه،
ڪونه تڪيان ٿو ڪنهنجو توهه،
دم دم پنهنجو ماٺ نه آ،
نيٺ ته لچڪي ويندا لوهه.
موت چڪي آ توڪي آندو،
گهر شڪاريءَ آئي ڳوهه.
جبل جاڏو ناهي آڏو،
ڪوهه به ٿيندو هڪڙو ڪوهه.
آتيون راتيون ڪُن ڪاتيون،
واهه مَهِي ڙي تنهنجا موهه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـــــنـــــج اڏاڻـــــا تــــا وڃن،
ڏيـــــئـــا اُجهــــاڻـــا تـــا وڃن.
گـــهـنـــر پـــکـــي خالـــي کـــري،
نـــرمـــل نمـــاڻـــا تــــا وڃن.
مـــڌ پـــيـــئـــڻ مـــوکـــيءَ وٺـــان،
پـــانـــڌي پـــراڻـــا تـــا وڃن.
سُور ســـانـــڌي ســـنـــڌ جا،
ســـپـــيـــاڻـــا تـــا وڃن.
راڄ رُئـــاري اڄ عـــبـــاسڻ،
راڄ راڻـــــا تـــــا وڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکي هي اڏاڻا تہ باقي ڇا رهنڌو؟
ڏيئا سپ اجهاڻا تہ باقي ڇا رهندو؟
ستارا هي پونم جي راتيون نہ رهنديون،
نہ وستي وٺاڻا تہ باقي ڇا رهندو؟
بهارون نہ رهنديون نہ درياءَ واديون،
نہ هي راڄ راڻا تہ باقي ڇا رهندو؟
خزان سونهن ٿيندي هي موکي متارا،
ويا سپ سياڻا تہ باقي ڇا رهندو؟
گهمي ويو جي راڪاس اهڙو عباسڻ،
ٿيا پينگ ياڻا تہ باقي ڇا رهندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مونکي پنهنجو پاڻي ڏي

حُورن جا پيغام تو آڇين،
گلڙا تون گلفام تو آڇين.
مان تہ گهران تو پاڻي ڏي،
مون کي پنهنجو پاڻي ڏي.
ڏُهرا ڏُهبرا دام تو آڇين،
عرش عظيم جا بام تو آڇين.
مان تہ گهران تو پاڻي ڏي،
مون کي پنهنجو پاڻي ڏي.
سٺيا بسٺيا طعام تو آڇين،
جنت جا تون جام تو آڇين.
مان تہ گهران تو پاڻي ڏي،
مون کي پنهنجو پاڻي ڏي.
ايڏا تبون انعام تو آڇين،
عيش وڏا آرام تو آڇين.
مان تہ گهران تو پاڻي ڏي،
مون کي پنهنجو پاڻي ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندو منهنجو درياهه،
سنڌ جو آهي ساهه پساهه،
ڪانهن ڪنڌين جو اتساهه،
چارڻ ڪارڻ جو ويساهه،
بند ڪيو ٿئي منهنجو ساهه،
ظالم تو سان ڪهڙو ناهه،
لا اِلٰه الا الله، لا اِلٰه الا الله.

تاريخي هي منهنجو حق آ،
ڇُهڙي وارو هنهنجو چڪ آ،
ڪونه پِتو ڪو توڪي نڪ آ،
تنهنجي منهن ۾ چائي بڪ آ،
توسان ورتِڙ آهه وِڙاهه،
ظالم تو سان ڪهڙو ناهه،
لا اِلٰه الا الله، لا اِلٰه الا الله.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏس چارا منهنجي هٿ ۾،
بندر سارا منهنجي هٿ ۾،
تيل وسيلا منهنجي هٿ ۾،
گيس ذريعا منهنجي هٿ ۾،
منهنجي مُٺ ۾ تنهنجو ساهه،
ظالم تو سان ڪهڙو ناهه،
لا الٰه الا الله، لا الٰه الا الله.

موٽ ڪان نڪري ڪاڏي ويندين؟
منهنجي نيٽ تہ آوهہ ايندين،
جيڪي پوکئين سوئي لڻندين،
وت ۽ ست تون پنهنجو ڏسندين،
تون تہ ڳجهن جو تيندين ڳاهہ
ظالم تو سان ڪهڙو ناهہ
لا الٰه الا الله، لا الٰه الا الله.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريو گلن جي ورڪا مقتل جي راهن سان،
ڪريو ڪڪريون ۽ پٿريون پاسي رستن تان،
جيل جي هر راهه ۽ رستي ڪي ٻهاريو يارو،
عطر لُبان مُشڪ عنبر هاريو يارو،
جيجل سنڌ جا قيدي اڄ هتان لنگهندا،
هٿن ۾ بيڙيون پيد پيل پيرن ۾ هوندا،
لاهيو تالا مقتل جا دروازا کوليو،
اڏيون ٻه نيون، ڪاٺ ٻه نوان ڳوليو،
ورهين کان سنڌڙيءَ جو مقتل ويران هو،
ماٺ هو، خاموش هو، سنسان هو،
اڄ مقتل ۾ منڊل تيندو ڪارونق تيندي،
ورهين جي ويراني ۾ ڪا شادابي ايندي،
تون سمجهين ٿو اسان گرفتار ٿيا آهيون،
ڪارين ڪوٺين ۾ بند ۽ لاچار ٿيا آهيون،
جلاد اگر ڪاٺ سان توکي ڪُهڻ ايندو آ،
ته اسان کي ٻه اڏيءَ تي ڪسڻ ايندو آ،
هن ڌرتيءَ سان ناتو جوڙي وينا آهيون،
سڀ رشتا ۽ ناتا ٽوڙي وينا آهيون،
پلنگن تي پلجي سُوريءَ تي مري ويندا آهيون،
تاريخ سنڌ جو نئون هڪ باب لکي ويندا آهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُندر سندر منهنجا سپنا،
ڪومل ڪومل ڄڻ تہ ڪلپنا.
جهرمت جهرمت اپ جا تارا،
پونم چنڊ جا چوڏس چارا.
نيڻ ننڊياڪا گل گلابي،
باڪن جهڙا ڳل شبابي.
مون ڪي ڪنهڙي ڏوهہ ڇڏي ويا،
ڪهڙيءَ آخر لوءِ لڏي ويا.
هت پاتوليءَ جا ڪتجي ويا،
ڄڻ مورن جا رنگ وڃجي ويا.
اونداهيءَ ۾ ديپ اجهاڻا،
ڄڻ تہ فضا مان هنج اڏاڻا.
گيتن ڪان آواز رُسي ويو،
سوز گداز ڪنان ساز رسي ويو.
ڪُتجن تا ڪنهن تاڪي ۾ هو،
پيڙيا هن ڪنهن گهاٽي ۾ هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت تي لکيل
# هڪ دور جو پورو سفر

پوليس جي پهري اندر،
ڪنهن فوج جي گهيري اندر،
هڪ لاش سنڌ پهتو هيو،
ڪنهن رات جي پوئين پهر،

هو رات جو پويون پهر،
تاريخ جو ڪارو قهر،
هتڙيِ اڃي آهي ٿيو،
هڪ دور جو پورو سفر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڻ ڪاپِتن جي ٻاڪ هو،
ڇڻ ڪا پرهه جي لاڪ هو،
هر ساهه جو ويساهه هو،
ڇڻ ڪا سوين ساڪ هو.

منصور ڇڻ ڦاهي چڙهيا،
سڪ سور جا آهن پڙهيا،
سُوري چڙهيا اهڙا سبق،
ڇڻ دوڳ ديڳن ۾ ڪڙهيا.

ٻارڻ ڪي ٻاري ويا هليا،
جي موت ماري ويا هليا،
ڌرتي سندا ڪي ڏِڱ هئا،
آڳَر اُجاري ويا هليا.

هُو ڪنڌ ڪپائي موٽيو،
سڀ ڪجهه مڃائي موٽيو،
هُو سر ڏيئي ٿيو سرخرو،
دُشمنَ ڪنبائي موٽيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت تي لکيل
## ٻئي دور جو پورو سفر

شام جي پوئين پهر،
خون ٿيو ڪيڏو قهر،
هت وري پورو ٿيو،
ٻئي دور جو ڪو سفر.

شام جو پويون پهر،
سنڌ تي ڪارو قهر،
روڊ رستا خون سڀ،
سوڳ ۾ جهر جهنگ شهر.

سنڌ ۾ ٻيو لاش آيو،
سنڌ جائي ٿي شهيد،
قوم جي نياڻي مٿان،
برق ڪيرائي پليد.

آدمي وڻ ٽڻ رنا،
ڏوٽجي سڀ ڏڻ رنا،
سانحي هن سور تي،
ويڙها ۽ واهڻ رنا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ مڪلي ۽ مياڻي،
سنڌ ڪيڏارو ڪهاڻي،
قوم تان قربان ٿي وئي،
سنڌ جي نينگر نياڻي.

قوم جي ويساهه کي گولي لڳي،
روڊ رستي راهه کي گولي لڳي،
بي قصور بي ڏوهه نياڻي،
سنڌ جي چڻ ساهه کي گولي لڳي.

سچ تي گولي هلي وئي،
خون جي هولي هلي وئي،
پاتڙن پارن وتان چڻ،
پاتڙي پولي هلي وئي.

موت کي ماري هلي وئي،
اُپ کي ڏاري هلي وئي،
پيچرن پنڌن متان ڪا،
باهه چڻ پاري هلي وئي.

موت کي هوءَ مات ڏئي،
ٿي امر تاريخ وئي؛
وارتا هيڏي وڏي،
پيرَ ڪنهن ڏاهي ڪئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تنوير عباسي

خاڪي شاهہ جي پل پرسان هڪ ماڻهو ڄا تنوير هيو،
الفت جي تحرير هيو، سچ سونهن سندي تصوير هيو.
روح سندس ٽر واريءَ جهڙو، موتئي تي جڻ ماڪ ڦڙا،
ٻول سندس ها ٻاٻيهي جيان، ٽر تي ٽڏڙا مينهن ڦڙا.
آٿت هو اورانين جو ۽ ڏنجهہَ ڏکايل ڏيڍ هيو،
ڪيس قهر جو قاتل هو ۽ ظلم اندر جو ويڍ هيو.
ٽر تي گهنگهور گهٽا ڪا واهيرن جي واهر هو،
ڏيهہ سندو جڻ ڏيڍ هيو، جڻ اَيرن جي ڪا آڌر هو.
ڪوپو ڪلنگي دار هيو ۽ سنڌ جو نينهن نشان هيو.
ڪومل هو جڻ ڪوٽيءَ جهڙو، ڪارونجهر جي ڪوڪ هيو،
پيٽي پر هو پوڻ سنديءَ، ننگ جو جڻ ڪو نانءُ ٿيو.
پرهہ سندو هو پنڇي هو ۽ پت پت جي جڻ باک هيو،
صوفي جڻ لاڪوفي هو، سونهن سونهاري ساک هيو.
سَرَ سَرَ جو هو سونچو هو ۽ گهر گهر جو گوڳاءُ هيو،
ويرن جي جڻ ڪاتُ ڪکن جو، گهاتوءَ دل جو گهاءُ هيو.
سونهن ڪسي هيءَ ڏرتيءَ ڪان، آ قدرت ڏاڍو ڪيس ڪيو،
سنڌ جي وڻ وڻ جنهن لاءِ اڄ ڪٿ جڻ اوسيس ڪيو.
قدرت آهي عرض اسان جو، هي وَٽُ اسان کي واري ڏي،
تنوير اسان جي سنڌڙيءَ کي، ڪيئن ڪري ٻيو جياري ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لولي

ٿـــيـــنـــديـــن ڏيـــهـــن جو ذاتـــار،

ٿـــيـــنـــديـــن مـــانـــجهـــي مـــڻـــيـــا دار،

ٿـــيـــنـــديـــن ڪـــوپـــو ڪـــلـــنـــگـــيـــدار،

ٿـــيـــنـــديـــن ڊودي جي تـــلـــوار،

ٿـــي تـــون هـــاڻـــي ڪـــان هـــوشـــيـــار.

لـــولـــي تـــوکـــي لـــولـــي پـــار.

ٻـــالـــڪ جڏهـــن ڳـــيـــرو ٿـــيـــنـــديـــن،

واهـــيـــرن جي واهـــر بـــڻـــبـــيـــن،

اوکـــيءَ ۾ تـــون آڏر ٿـــيـــنـــديـــن،

هـــاڻـــوءَ جي تـــون آڏو ايـــنـــديـــن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوٽ اڙيسن جي ٽون آڌار.
لولي ٽوڪي لولي پار.
پيچ اوسنڌڙي پيچ جا نعرا،
جيئي جيئي سنڌوءَ ڌارا،
گونجي اُڀُ ۽ چنڊ ستارا،
اٿلن پٽلن سمنڊ ڪنارا،
چوڏس گڙ گڙ جي گونجار.
لولي ٽوڪي لولي پار.
لاکيون لاکيون ٻاڪون تنهنجون،
سونهن ۽ سچ جون ساکون تنهنجون،
سرڪنڊ آڪون ڏاکون تنهنجون،
چنڊ ۽ سچ جون ساکون تنهنجون،
جنگجو ٿيندين تون جهونجهار.
لولي ٽوڪي لولي پار.
ڪيتي ڪيتي ڪاچو تنهنجو،
پائر پب ۽ پاڇو تنهنجو،
پورب پڇم ٽاپو تنهنجو،
چوڏس هُل هُلاچو تنهنجو،
ڏٿ پٿ تنهنجا ٿر ولهار.
لولي ٽوڪي لولي پار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي عشق جون ڳالهيون

(شاعري)

غلام عباس پنيرو



خيرپور جي صحافت جي حوالي سان غلام عباس پنيري جو نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. پنهنجي صحافتي زندگيءَ ۾ نوجوان صحافين کي اڳتي آڻڻ ۽ انهن جي تربيت ۾ سندس اهم ڪردار آهي. سنڌ جي قومپرست سياست سان به سندس اهم لاڳاپو رهيو آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ پبلڪ سيفٽي ڪميشن خيرپور جي چيئرمين رهندڙ غلام عباس پنيري خيرپور ۾ هڪ متحرڪ سماجي زندگي گذاري آهي. شاعريءَ سان سندس پراڻو لاڳاپو آهي. ڌرتي ۽ ديس سندس شاعريءَ جا مک موضوع رهيا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ غلام عباس پنيري ڪافي شاعري ڪئي آهي جيڪا مسلسل مختلف رسالن ۾ ڇپجندي به رهي آهي. هي ڪتاب انهيءَ ئي شاعريءَ جو مجموعو آهي جنهن شاعريءَ ۾ صوفيانه رنگ ۽ ٻيا ڪيترا موضوع نمايان نظر اچن ٿا ۽ يقينن اها شاعري شاعرائي سفر سان لاڳاپو رکندڙ پڙهندڙن لاءِ هڪ املهه تحفو ثابت ٿيندي.

قربان منگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري مارِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانئر، ياجوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَ‌ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني ڪي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن ڪي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو ساٿاهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book